# مڪلي ٽڪريءَ جو سير



سنڌي ادبي بورڊ

# مڪلي ٽڪريءَ جو سير

پروفيسر محبوب علي چنا

بي. اي (آنرس)، ايم. اي (گولڊ ميڊلسٽ)

سهيڙيندڙ

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

بي. اي (آنرس)، ايم. اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ

پي. ايڇ. ڊي (سنڌ)

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

2005ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن.]


| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1987ع | تعداد 1000 |
| ڇاپو ٻيو | مئي 2005ع | تعداد 1000 |


قيمت: ٽيھہ رپيا

**[Price Rs. 30-00]**


خريداريءَ لاءِ

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(فون ۽ فيڪس نمبر: 633679 - 0222)

**Email Address: sindhiab@yahoo.com**

**Website: www.sindhiab.com**

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهہ ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

هونئن تہ سنڌ جا سمورا يادگار ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان وسيع تاريخي سڃاڻپ رکن ٿا، پر ڪي اهڙا يادگار بہ آهن، جيڪي اتهاس ۾ هڪ بي مثال ۽ وسيع پسمنظر رکن ٿا. "مڪلي ٽڪريءَ جو سير" بظاهر تہ هڪ ننڍڙو ڪتاب آهي، پر اهميت جي اعتبار کان هڪ عاليشان موضوع آهي. هن قسم جي موضوع تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي. مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي واقع قبرستان سنڌ جي تاريخ جو ڪجهہ اهڙو ئي بي بها خزانو ۽ يادگار آهي، جنهن جي اهميت تي جيترو بہ لکيو ويو آهي، اهو گهٽ لڳي ٿو. در حقيقت هيءُ موضوع اڃا وڌيڪ انصاف لهڻي ٿو. ڇوتہ مڪليءَ ٽڪريءَ جي هن عظيم الشان قبرستان ۾ ڄام نظام الدين ۽ دولهہ دريا خان جهڙا سنڌ جا ڪيترا سرموڙ سرويچ بادشاهہ ۽ سپاهي دفن ٿيل آهن. جن جي عظمت کان ڪڏهن بہ انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي.

جناب پروفيسر محبوب علي چنني جا لک احسان ڀانئجن، جنهن ههڙي انمول سوڪڙي سنڌي ماڻهن کي آڇي. ٿورا تہ جناب ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جا بہ ڳائجن، جنهن وقت ڪڍي هن مواد کي ڇنڊي ڇاڻي سهيڙي سموئي ڪتابي صورت ۾ آڻي بورڊ جي حوالي ڪيو، جنهن کان پوءِ 1987ع ۾ جناب محمد حسين ترڪ تڏهوڪي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

مئنيجر ڪتاب گهر جي زوردار گهر تحت ارڙهن سالن جي وقفي کان پوءِ نئون ڇاپو پڌري ڪرڻ جي سعادت اسان جي حصي ۾ آئي آهي. پر اسان کي دلي خوشي تڏهن ٿيندي، جڏهن مون پاران بورڊ جي مڙني ڪارڪنن جون محنتون مهربان پڙهندڙن جي آڏو قبول پونديون.

ڄام شورو- سنڌ
7- ربيع الثاني 1426هہ
بمطابق 16- مئي 2005ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري

# ٻه اکر

هر هڪ شهر يا ڳوٺ کي پنهنجو قبرستان آهي، جنهن تي ڪو نه ڪو نالو ضرور رکيل آهي. اهڙن ڪن قبرستانن ۾ ته هزارين، بلڪ لکين قبرون، مزارون ۽ مقبرا آهن، جي پنهنجي تاريخي اهميت کان گهڻو مشهور آهن، پر ٺٽي واري مشهور قبرستان "مڪلي" [1] کي، جيڪا تاريخي عظمت ۽ اهميت حاصل آهي، سا ٻئي ڪنهن قبرستان کي شايد ئي حاصل هجي!

ٺٽو، بادشاهي شهر ٿي گذريو آهي، جتي ڏيهي توڙي پرڏيهي حاڪم، امير، علماءُ، پير، فقير، فقيهه، دانشور وغيره رهيا، ۽ آخر مڪليءَ جي قبرستان ۾ وڃي آرامي ٿيا. چون ٿا ته ڏهه لک لوڙهه لـَٽيـَل آهن، جن مان ڪن جي مزارن ۽ مقبرن تي، نه رڳو عربي ۽ فارسي ڪتبا لکيل آهن، پر متن نقش نگاري جا اهڙا ته نادر نمونا ملن ٿا، جن کي ڏسندي، عقل دَنگ رهجيو وڃي! صدين گذرڻ کان پوءِ به، ڪن هنڌن ائين

---

[1] "مڪليءَ" تي نالي جو سبب هيءُ آهي ته الله وارن مان، هڪ بزرگ حرمين شريفين جو ارادو رکي، اڃي هتي لٿو، ۽ اهڙي حالت پيدا ٿيس، جو هڪدم وجد ۾ اچي، سماع شروع ڪري ڏنائين، ۽ وجد جي جوش ۾ چوڻ لڳو ته: "هـٰذه مکة لي" (هي تـَڪري، منهنجي لاءِ مـَڪه آهي). جنهن صورت ۾ هي لفظ بار بار دهرايائين، ۽ سندس زبان ۾ تاثير هو، تنهنڪري عام ماڻهن جي زبان تي، هن تـَڪريءَ جو نالو تخفيف سان مڪلي (بجاءِ مکة لي) رهجي ويو.

ڪن جي چوڻ موجب، انهيءَ نالي سان هڪ پاڪدامن، الله واري عورت، اتي مڪلي واري مسجد جي محراب جي پويان دفن ٿيل آهي. هيءُ نالو متئين شيخ حماد جي اشاري سان پهرين مسجد تي پيو، ۽ پوءِ سڄي ٽڪري، انهيءَ نالي سڃاڻڻ ۾ آئي.

(تحفة الڪرام - سنڌي ڇاپو. صفحو 462
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو)

محترم پير حسام الدين شاهه راشدي، "مڪلي نامہ" جي حاشيه آرائي ڪندي، سائين جي. ايم سيد جي روايت هن طرح بيان ڪري ٿو:

ڊيگامبر فرقي جي باني منڪلي جي نالي پنيان، انهيءَ ٽـَڪريءَ تي، مڪلي نالو پيو. اهو لفظ پالي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: يو گي يا ننگو فقير.

(مڪلي نامہ - سنڌي ڇاپو. صفحو 732
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو)

معلوم ٿئي ٿو. گويا اڄ ڪنهن پَٿرَ جي اُڪَرَ ڪئي آهي، ۽ ڪاشيءَ جي رنگين سر هنئي آهي. جنهن جو بِئي هنڌ، مثال ملڻ ئي محال آهي.

انگريزن آئي "محڪمہ آثار قديمہ" قائم ٿيو. جنهنڪري ڪيترين پراڻين تاريخي جاين، مقبرن ۽ آثارن جي نہ رڳو چڱي مرمت ٿي، پر سندن تاريخي احوال سان گڏ فوٽو بہ ڪتابن ۾ آيا. انگريزن کان اڳ حڪومت طرفان اهڙو ڪو ڪاتو ئي ڪونہ هو، جو تاريخي جاين ۽ مقبرن جي سنڀال لهي ها. انهن تاريخي يادگارن کي زندهہ رکڻ لاءِ، سنڌ جي مؤرخن وڏو ڪم ڪيو آهي. مير علي شير قانع ٺٽوي جا بہ ڪتاب: تحفة الڪرام ۽ مڪلي نامہ، ۽ شيخ اعظم ٺٽوي جو تحفة الطاهرين، سنڌ جي تاريخ جا بهترين ماخذ آهن، جن ۾ مڪليءَ جي قبرستان جي نشاندهي ڪيل آهي. جيتوڻيڪ انهن نشاندهي ڪيل مقبرن ۽ مزارن مان ڪي تہ هينئر بنهہ تباهہ ٿي چڪا آهن ۽ ڪي تباهہ ٿيڻ تي آهن، پر تڏهن بہ ٺٽوي مؤرخن جي ڏنل ڏسَ پتي مان، اصلوڪا آثار ڳولي سگهجن ٿا. هينئر تازو ويجهڙائي ۾، سنڌ جي عظيم مؤرخ پير حسام الدين شاهہ راشدي "مڪلي نامہ" عرف "بوستان بهار" تي تحقيق ڪندي هن ننڍڙي ڪتاب کي اٽڪل روءِ نوَ سوءَ صفحن تي پهچايو آهي. هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ مڪليءَ جي معروف هستين جا شجرا بہ ڏنا ويا آهن ۽ ان سان گڏ، وڏي جاکوڙ ڪري، ڪيترن مقبرن جا ڪتبا ۽ فوٽو پڻ ڏنا آهن، جي جديد تحقيق جي نقطۂ نظر کان وڏو معلوماتي ۽ تحقيقي ڪارنامو آهي.

مرحوم پروفيسر محبوب علي چنا (وفات 24 نومبر 1977ع)، هڪ مجيل اديب ۽ مؤرخ ٿي گذريو آهي، جنهن مڪلي ٽڪريءَ جو سير ڪري، عمدي معلومات فراهم ڪري "نئين زندگي" (55 ۽ 1956ع) جي ڏهن قسطن ۾ سمورو مواد ڏنو آهي، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ ڪتابي صورت ۾ آندو آهي. هُن، مڪليءَ جو چپو چپو ڪري ڏنو، عربي فارسي ڪتبا پڙهيا، ۽ تاريخي روشنيءَ ۾ بحث ڪيو. جيتوڻيڪ ڪي ڪتبا گهٽي وقت گذرڻ ڪري، پڙهڻ کان چڙهي ويا هئا، پر تڏهن بہ چنا صاحب، ٽُڪي ٽُڪي، مطلب ۽ مقصد پيڙو وجي ٿيو.

"مڪلي ٽڪريءَ جو سير" ۾ مزارن، مقبرن ۽ ڪتبن جي ڪافي

وضاحت ڪيل آهي، پر تڏهن بہ اجا، تحقيق جي گنجائش باقي آهي. پاڻ بہ اهڙو اقرار ڪري ٿو مثلاً:

”هن مقبري جي ڪتبي مان، اسان کي شجرو تہ ناياب مليو، مگر سَن نہ هئڻ ڪري خبر نٿي پوي تہ ڄام ننڍي جي پٽ ڄام فيروز جي اولاد جو آهي يا سنڌن وڏي ڏاڏي فيروز جو، جنهن جو نالو ڄام ننڍا واري عمارت جي شجري ۾ آهي. مگر ان شجري سان، هي موجوده شجرو لاڳاپو نٿو ڏيکاري، تنهنڪري اجا بہ سمن جي تاريخ جو باب اونداهون آهي. جو تحقيق طلب آهي.“

(نئين زندگي آڪٽوبر 1955ع)

وري ٻئي هنڌ لکي ٿو:

ڪتبي جي عبارت فارسيءَ ۾ لکيل آهي، مگر گهڻي ڀاڱي ميساريل آهي. اسان ڪوشش ڪري، جو مطلب ان مان ڪڍي سگهياسين، سو هيءُ آهي:

”شاڪر دلير عمارت، راهو بن محمد.

در عهد جام تغلق سڪندر شاه بتاريخ.“

(نئين زندگي آڪٽوبر 1955ع)

مڪليءَ جي شاهي قبرستان ۾، مرزا جاني بيگ، مرزا غازي بيگ، مرزا عيسيٰ ترخان، مرزا تغرل بيگ، نواب امير خليل خان، ڄام نظام الدين، جيئو شيخ، مخدوم محمد هاشم وغيره هستيون مدفون آهن. تنهنڪري گهرجي تہ اجا تحقيق جاري رکي، باقي رهيل ڪم بہ سُٽڙ ڪجي تہ جيئن سنڌ جي تاريخ تي نئين روشني اچي وڃي.

بهرحال ايترو چئي سگهبو تہ ”مڪليءَ جو قبرستان“ تاريخي دستاويز آهي، جنهن مان نئين جي گذريل حالات جو بخوبي پتو پئجي سگهي ٿو. يا ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ ”مڪليءَ“ ۾ تاريخي مواد جو اڻ کٽ خزانو سمايل آهي تہ ڪو مبالغو نہ آهي، ۽ سياحن لاءِ، مڪليءَ جو هيءُ مختصر جائزو، وڏو مفيد ثابت ٿيندو.

**عبدالڪريم سنڌيلو**

(1)

# مڪليءَ جي ٽڪري

## تاريخ جي روشنيءَ ۾

گوهـــري درميـــان ايـــن ســـنگ اســـت،
پـــس ايـــن ڪـــوه قـــرص خورشـــيد اســـت.

---

از نقـــش و نگـــار در و ديـــوار شڪســـتہ،
آثـــار بديـــد اســـت ضنـــاديد عجـــب را.

عوام شايد ائين سمجهي تہ مڪليءَ جي ٽڪريءَ جي پٿرن ۾ ڇا رکيو آهي، جنهن تي اڄ خيال آرائي ٿي رهي آهي! مگر مذڪوره بيت مان اهو معلوم ٿيندو تہ هڪ صبر آزما پيءُ جو لخت جگر جڏهن انهن پٿرن ۾ پورجي ٿو تہ ان کي سج جي قرص سان مشابهت ڏني وڃي ٿي. مگر هت تہ اهڙا هزارين گوهر ۽ لالـہ و گل جهڙيون لعلون مدفون ٿيل آهن، جن جا آثار هڪ اهل نظر کي مير معصوم "نامي" جي لفظن ۾ ضرور مدعو ڪندا:

برخيـــز تـــا بخـــاک، عزيـــزان گـــذر ڪنيـــم
زان پيش تـر کـہ ديـده شـود خـاک راهگـذر.

مڪليءَ جي ٽڪري، پب ۽ هاڙهي جبل جي شاخ آهي ۽ رنيءَ جي ڪوٽ واري ٽڪرين جي قطار مان شمار ڪئي وڃي ٿي. اها پير پٺي کان نڪري، اُتر ڏي برابر پنج ڪوهہ وڃي، ٺٽي کي ويجهو

اُلهندي ڏي بيهي ٿي. ساموئيءَ جو ڳوٺ پنهنجي شاندار ماضيءَ تي، اُتر واري ڇيڙي جي هيٺان، حسرت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي، ته ڏکڻ جي پاسي وري، بکر جي ڍنڍ پنهنجين مَــر مريـن موهن سان ناظرن جي دل ليائي رهي آهي. هن ساري مفاصلي لاءِ ڌار ڌار روايتون آهن، جي هيٺ درج ڪجن ٿيون:

(1) ايڊورڊ ٿارنٽن، پنهنجي گزيٽيئر ۾، جنهن جو احوال هيٺ آڻيون ٿا، مڪليءَ جي ٽڪريءَ جي ڊيگهه ويهه ميل ڄاڻائي آهي.

(2) پروفيسر محمود بريلوي پنهنجي اردو تصنيف "تاريخ اسلامي سنده" ۾ ڇهن کان پنجن ميلن تائين ڏيکاري آهي.

(3) مسٽر ڀيرو مل پنهنجي سيرن جي ڪتاب "سنڌ جو سيلاني" ۾ لکي ٿو ته "مڪليءَ جي ٽڪري ڪا ننڍي ڪانهي. ڊيگهه ۾ ڏهن ميلن کان به مٿي آهي ۽ پير پٺي وٽ بگهاڙ واهه جي وچ ۾ هئڻ سبب، اتي جي ٽڪريءَ کان ڇڄي، ڌار ٿي پئي آهي، ٽڪريءَ جي اُتاهين، ڪٿي مُنو سؤ کن فوٽ، ته ڪٿي ڏيڍ سؤ کن فوٽ آهي."

(4) مسٽر ظفر قريشي نئين زندگي فيبروري 1950ع جي صفحي 39-40 تي رقمطراز آهي: "ٺٽي شهر کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي مڪليءَ جو قبرستان آهي. هي هڪ اڌ پٽريلو دڙو آهي. هن جي پکيڙ ڇهه چورس ميلن ۾ ٿيندي."

مٿين روايتن کي جيڪڏهن تحقيق جي نظر سان ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اهي صحيح نه آهن. مسٽر ڀيرومل جي ڪٿ ته ٽڪري ڏهه ميلن کان مٿي آهي، ڪجهه درست آهي. مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" سائين کي، ٺٽي مان 1916-1917ع جو نڪتل مڪليءَ جو جهونو نقشو هٿ آيو. جنهن جي ماپن مطابق مڪليءَ ٽڪريءَ جي

ڊيگهه ساڍا تيرهن ميل آهي، جا بلڪل صحيح ۽ محقق آهي. ايڊورڊ ٿارنٽن پنهنجي تاليف ”هندوستان جي اُتر اولهه واري گزيٽيئر“ (مطبوع سال 1844ع) ۾ ڪئپٽن ووڊ ڪينبري، برنس ۽ آئوٽرام جي حوالن سان، جو مڪليءَ جو احوال ڏنو آهي، سو ترجمو ڪري هيٺ پيش ڪجي ٿو:

”سنڌ جي دوآبي ۾ ننڍين ٽڪرين جي قطار ويهه ميل ڊگهي آهي، جا اُتر طرف ٺٽي جي نزديڪ ۽ ڏکڻ طرف پير پٺي تائين آهي. هنن ٽڪرين جي اوچائي هڪ سؤ فوٽن کان مٿي نه آهي. هنن ۾ ڪورل ۽ چني جو پٿر سمايل آهي، هن کي کهرو مٿاڇرو آهي. جنهن تي سواءِ ڪن ننڍن ٻوٽن جي، ٻيو ڪجهه به نٿو اُڀري. هن جي ويڪرائي ڦاڪ چوويهه ڊگريون ۽ چاليهه آهي، ۽ ڊگهائي ڦاڪ انهٺ ڊگريون ۽ پنجونجاهه آهي.“

هاڻي ڏسون ته مڪلي ٽڪريءَ تي اهو نالو ڪيئن پيو.

مسٽر پيرو مل کي سير و سفر ڪندي، جهونڙن کان جيڪي معلوم ٿيو آهي، سو هن صاحب هينئين طرح لکيو آهي:

”سنڌ ۾ هن وقت، جيڪي آڳاٽا شهر آهن، انهن مان هڪڙو ٺٽو آهي، ۽ مڪليءَ جي ٽڪري، جا ان جي نزديڪ آهي، سا ان جو سينگار آهي. انهيءَ ٽڪري تي مائي مڪليءَ جي تربت آهي، جنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس. چون ٿا ته سنڌ جا هاڪارا ماموئي فقير، جي اڳڪٿيون ڪري ويا آهن، ته ”جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قنڌارئون جوکو“ وغيره، سي ڪجهه وقت ٺٽي ۾ رهيا هئا ۽ ڪين به پينرون هيون، هڪ مائي مڪلي ۽ ٻي ٻـلڙي. بلڙيءَ جو ڳوٺ ٽنڊي محمد خان تعلقي ۾ آهي، جنهن جو پوءِ ذڪر ڪبو. ٻنهي پينرن جي

نالي چون ٿا تہ ڪماليت ڪي پهتل هيون. مائي مڪليءَ جي تربت، هن ٽڪريءَ تي هئڻ ڪري، هي سڄورو مڪان ليکيو ويو آهي، تنهنڪري آسپاس جا مسلمان، پنهنجا ماڻهو هتي پورين ٿا ۽ ذات ذات جي مسلمانن لاءِ جدا جدا مقام آهن. هن ٽڪريءَ تي سرڪاري جايون نهيل آهن ۽ گشتي عملدار هتي اچي رهندا آهن."

مسٽر پيرو مل جي مٿئين احوال مان، هيءَ ڳالهہ نئين معلوم ٿئي ٿي تہ مائي مڪلي، ماموئي فقيرن جي ڀيڻ هئي. اهڙو اشارو، اڳ ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ڏنل نہ آهي. تنهنڪري هن ڪي ڪهاوت جو درجو ڏيو ۽ بس. تحفة الڪرام ۽ تحفة الطاهرين ۾ مڪليءَ جي نالي جي باري ۾ بہ ڙوايتون موجود آهن، جي هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

1- قديم وقت ۾ هڪڙو وڏو بزرگ حج ڪرڻ ٿي ويو. مڪليءَ تي اچي لٿو. رات جو خواب ۾ ڏٺائين تہ ڪعبو شريف سندس قيام جي هنڌ واقع آهي. بزرگ هن خواب کان ايترو تہ متاثر ٿيو، جو بار بار چوڻ لڳو، تہ "هذا مڪة لي"!! يعني هي منهنجي لاءِ مڪو آهي. هي منهنجي لاءِ مڪو آهي. اهڙيءَ طرح هن هنڌ "مڪة لي" مان نالو مڪلي پئجي ويو.

2- ٻي روايت آهي، تہ هڪڙي بي بي، مڪليءَ واري مسجد جي محراب جي پنيان دفن ٿيل آهي. اِنهيءَ مسجد تي شيخ حماد جماليءَ "مڪلي" يا "ننڍي مڪلي" جو نالو رکيو. پوءِ انهيءَ مسجد تان ساري ٽڪريءَ تي نالو پيو. ياد رهي تہ اها مسجد شيخ حماد جي حڪم تي ڄام تماچيءَ نهرائي هئي، جنهن کي هن جي دعا جي طفيل ، ڄام جوڻي کان تخت مليو.

مائي مڪليءَ جي تربت بہ باعث بحث آهي. هڪ ننڍي قبر،

مسجد جي محراب جي بلڪل لڳ، پاهرين پاسي نهيل آهي، جنهن جي پرسان ماڻهن، "مائي مڪلي" لکي ڇڏيو آهي. منهنجي ناقص سمجهہ موجب، اها قبر مائي مڪليءَ جي نہ آهي. مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" سائين جي نقشي مطابق، مائي مڪليءَ جي تربت مسجد جي اولهہ طرف واري رانڪ ۾ آهي، جا اڳ ۾ تمام سهڻي هئي، مگر هاڻي تہ شڪستہ حال آهي. هن ۾ چند قبرون آهن ۽ چوڌاري بند آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، تہ اتي ضرور ڪي زنانا عالم جون تربتون هونديون. اهڙي نموني، هن ٽڪريءَ تي "مڪلي" ٽڪري نالو پيو.

جيئن تہ ٺٽو ۽ ان جي ويجهڙائيءَ وارا مقام، ساموئي، ڪلان ڪوٽ وغيره سمن جي حاڪمن ڪان وني، گاديءَ جا هنڌ تي رهيا آهن، تيئن انهن حاڪمن مان گهڻن جون قبرون ۽ قبا، مڪليءَ تي آهن. جنهن مذڪور سيني شهرن لاءِ، مرڪزي مقام جو ڪم ڏنو تي، انهن کان سواءِ، مڪليءَ تي تمام گهڻن اوليائن ۽ بزرگن جا مقبرا بہ آهن. مسٽر ظفر قريشيءَ پنهنجي مضمون "ٺٽي" ۾، جنهن جو ذڪر اسان مٿي ڪري آيا آهيون، ڄاڻايو آهي تہ، چوندا آهن تہ: "هتي ڏهن لکن کان وڌيڪ قبرون آهن، جنهن ۾ وڏا وڏا مقبرا ۽ مسجدون آهن. انهيءَ قبرستان ۾، ٺٽي جا پراڻا حاڪم، عالم، درويش ۽ امير وزير دفن ٿيل آهن. انهن قبرن جي مصلن تان وفات جي تاريخن جا حال معلوم ٿين ٿا."

مسٽر ظفر قبرن جو اندازو ڄاڻايو آهي، تنهن ۾ ڪجهہ وڌاءُ آهي. مگر "قديم سنڌ" ۾ مرزا قليچ بيگ تحفة الڪرام تان، هن طرح اخذ ڪيو آهي تہ: "مشهور آهي تہ سوا لک اولياءَ اتي آهن"

خواهه مسٽر پيرو مل، هن حقيقت کي اهڙيءَ طرح واضع ڪيو آهي تہ، "ٽڪري تي قبرن جو ڪاٿوئي ڪونهي. چوندا آهن تہ، ٽڪري ۾ سوا لک پير ٿي گذريا آهن."

جيئن تہ هيءَ ٽڪري پنهنجن مقبرن، مرقدن، رانڪن ۽ مسجدن سان سينگاريل، مسافرن جي رندن ۾ رونما آهي، تيئن هرڪو سيلاني هن جي زيارت کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهي. جيڪي بہ انگريز مستشرق عالم (orientalists) يا سيلاني، سنڌ سونهاري ۾ آيا آهن، تن هن عبرت خاني جي ضرور زيارت ڪئي آهي. هت اسين هڪ وڏي انگريز مستشرق عالم سياح "سر رچرڊ فرئنسز برٽن جي" احوال مان ڪجهہ حصو ترجمو ڪري، اوهان صاحبن جي خط خاطر پيش ڪيون ٿا. جو هن صاحب "سنڌ ري وزيٽيڊ" جلد پهرين 142 صفحي کان 145 تائين ڄاڻايو آهي. هيءُ صاحب فرمائي ٿو تہ "عيدگاهہ جي پنيان، قبن ۽ مقبرن جا گونا گون قسم پسجن ٿا، جن مان گهڻا ڌرتيءَ جي زلزلي ڪري نابود ٿي ويا آهن ۽ ٻيا "وقت جي وائرينڊڙ پرن" جي وسيلي، ناس ٿيڻ وارا آهن. هنن مان تورا ۽ تمام تورا آهن، جن کي هنن جي مجاورن ۽ پونيرن حفاظت ۾ رکيو آهي. گول گنبذ، ڪمانون، منارا، ڏيڍيون، دروازا ۽ ٽنين جون قطارون ٻي ڊول ڊڙن تي بيٺل آهن. پٿرن جا ڍير عريان ۽ برباد ڏسڻ ۾ اچن ٿا".

"هتي هتي جي گاهہ جا ننڍا ٽڪر ۽ هوائن جي زور ڪري توهرن جا وانديا وڻ، ويراني جي ويرانيءَ ۾ پڻ اضافو ڪن ٿا. محلاتن، اميرن، ڄامن ۽ سيدن جي مقبرن جي ساخت تي ضرور سالن جا سال لڳا هوندا. ڪن ۾ وڏي گنبذ جي چوڌاري، ننڍڙن قبن جي قطار آهي، جي هيڪوٽي يا ٻٽي ستون بنديءَ تي بيٺل آهن. ٻيا وري وڏن

پٿرن جي ديوارن اندر آهن، جن ۾ چورس صحن آهن ۽ ڏار ڏار رستن لاءِ دروازا آهن. ڪن ۾ وڏا مر مرين گنبذ آهن، جيڪي وري سَنهن سلوٽن ٿنڀن تي بيٺل آهن ۽ انهن مان گهڻا وري رنگين چمڪندڙ هالنڊ جهڙن سرن مان نهيل آهن، جي پراڻي روم جي سِرن سان شايد وجي ڪلهو هڻندا."

متئين احوال مان اوهان کي چڱيءَ طرح اها پروڙ پئي هوندي ته ڪيئن نه مڪلي خسته دلين لاءِ، آماجگاهه ۽ پريشان روحن لاءِ، ورنهن آهي ۽ هن جو ثبوت اسان کي هڪ رانڪ تي اُڪريل بيت مان مليو جو هن طرح آهي:

زدست چرخ ڪج رفتار غدار
دلا تا چند از غم خسته ڪردي
بکوهستان بکلي شو دل زار
ڪه از دنياي دون وا رسته ڪردي.

(2)

# ساموئي ۽ شيرازي ساداتن جو مقام

اسان مڪليءَ جي ٽڪري جي اُترئين ڇيڙي وٽ، اوهان کي ونـي وڃون ٿا، جتي هينئر اوهان کي شڪستہ حال جهوپڙيون پنهنجـي ياد ماضيءَ تي اوسارينديون نظر اينديون. هي خطو هاڻي بہ ساموئيءَ جـو ڳوٺ سڏجي ٿـو ۽ ديهہ شاڪراڻي ميمڻ تعلقي ٺٽـي ۾ آهـي. هـي ڳوٺ، شهر ٺٽي جي اُتر اولهہ جي طرف ڏيـڍ ڪوهہ جـي مفاصلي تـي آهي. سنڌ جي باشندن لاءِ، جيڪي بہ شهر مناظرهٔ عبـرت آهـن، انهـن مان هيءُ بہ هڪ آهي، جو عقل و بصيرت وارن لاءِ قرآن شريف جو هي فرمودو ياد ڏياري ٿو تہ "فاعتبروا يا اولي الابصار."

سومرن بادشاهن جي ڏينهن ۾ محمد طور گاديءَ جـو هنڌ هـو، جنهن جا قِـتل نشان، هاڻي بدين جي ڏکڻ اولهہ ۾ ميرپور بٺوري جـي ڏکڻ اوڀر "شاهہ ڪپور" جي ڳوٺ وٽ ملن ٿـا. هـن شهر جي بربادي علاؤالدين خلجـيءَ جـي گورنـر نـصرت خـان جـي هٿـان ٿـي ۽ اهـو شـهر 1315ع جو ڇيو وڃي ٿـو. ان بعـد سمـن حـاڪمن جـو دؤر دوره شـروع ٿئي ٿو. هنن وري پنهنجي گاديءَ جي لاءِ، ڪـي شـهر بـڌا، جـن مـان ساموئي اوليـن ۽ ٺٽـو آخري هـو. ساموئي درڪ پرڳڻي ۾ واقـع هـو. مرزا قليچ بيگ مرحوم "قديم سنڌ" 132 صفحي تي هن حقيقت کـي غلط طور پيش ڪيوٰ آهي، تہ "سمن جي ڇامن وري ڪلان ڪوٽ وٽ تختگاهہ بنايو، جنهن جو نـالو "تغلق آبـاد" رکيـائون. ساموئي بـہ ان کي ٿا چون." پر بئي هنڌ وري ان جو آزالو پاڻ ئي ڪيـو اٿـس. ڇـو تـہ ڪلان ڪوٽ، مڪليءَ جي ڏاکڻي حصي ۾ آهي ۽ ساموئي اُتـر اولهـ

۾. ازان سواءِ هي تاريخي حقيقت آهي تہ ڪلان ڪوٽ، اهو مڪيہ هنڌ آهي، جنهن تي طغرل آباد ۽ تغلق آباد جا نالا پيا. تنهنڪري هي ٻہ جدا جدا هنڌ آهن.

سيئي مستند تاريخون، هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ "ساموئي ڀهريائين سمن سردارن جي سڪونت گاهہ هئي، پوءِ ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي ڏينهن ۾ هن جو شان و شوڪت مٿيءَ ۾ ملجي ويو، جو ڄام نندي، هڪ نئين شهر ٺٽي جو بنياد وڌو." باقي هيءَ ڳالهہ اجا تحقيق طلب آهي تہ هن شهر جو باني ڪري هو؟ ڪن تاريخ نويسن جو چوڻ آهي تہ ڄام انڙ بن بابينہ (752هہ) ۾ گادي نشين ٿيو ۽ سندس پيءُ ڄام بابيني اهو شهر ٻڌايو هو. ڪن مؤرخن جو خيال آهي تہ اهو شهر ڄام بابيني (ٻانڀيٽو) بن خير الدين جو ٻڌايل آهي ۽ ڪي ور ڄام بابيني بن خير الدين جو ٻڌايل چون ٿا. ساموئي جي برباد ٿيڻ ۽ ٺٽي جي آباد ٿيڻ جو احوال مؤلف "لُب تاريخ سنڌ" خان بهادر خداداد خان مفصل طور ڏنو آهي، جنهن ۾ هن صاحب ٺٽي جي شهر جي تعمير جو سال (893هہ/1585ع) ڄاڻايو آهي، جو ابجد جي حساب موجب "بہ بين بسم الله الرحمٰن الرحيم" مان نڪري ٿو. قديم ساموئي شهر جي پڪيڙ ڪافي وڏي هئي، جنهن ۾ هاٿوڪو ڳوٺ ۽ هن جون مضافات ڄام نندي جي مقبري تائين اچي ويا ٿي. وري ٽڪريءَ جي هينان اوڀر طرف، درياهہ وهيو ٿي، جنهن ڪي ساموئيءَ جو درياهہ سڏيندا هئا. جنهن جا چٽا نشان اجا تائين ملن ٿا. شيرازي مقام ۽ سمن واري سڪونت گاهہ جي وچ ۾ هڪ دل لُڀائيندڙ ماٿري آهي، جنهن ۾ سبزيءَ جي دلڪشا چادر وڇايل آهي. هن جي اوڀر طرف وڻن جا جهڳٽا آهن، جن مان ٿڌيون هيرون سُر سُر

ڪري دل کي فرحت ۽ دماغ کي تراوت پهچائين ٿيون. وڻن جي پرسان اجا بہ پاڻي جا چشما نظر چڙهن ٿا.

موجوده ڳوٺ جي عمارتن جو بنياد، پٿرن تي بيٺل آهي، جي پٿر اصل قديم شهر مان کوٽي هٿ ڪيا ويا آهن. شاهہ مرادِ جي هڪ مجاور، غلام محمد سمي کان معلوم ٿيو آهي تہ ساموئيءَ ڳوٺ جي آسپاس، جيڪڏهن زمين کوٽبي تہ اجا بہ هيٺان زمين مان پٿر نڪرندا. موجوده ڳوٺ ۾ جهنڊي پاٽڻيءَ خواه سَتين جي آستان جا مجاور رهن ٿا، جن ۾ درس شيخ ۽ سهر آهي. انهن جي مکيہ آمدني خيرات ۽ زمين جي پوک آهي.

تحفة الڪرام ۽ تحفة الطاهرين جي راءِ موجب، جي بہ مقبرا ساموئيءَ جي حد ۾ اچي وڃن ٿا، سي هي آهن:

(1) سَتين جو آستان (2) شيخ حماد (3) شيخ عيسيٰ (4) ملا عبدالرحمان (5) شيخ جهندو پاٽڻي.

اسان هنن جو مختصر تعارف ناظرين ڪرام لاءِ پيش ڪريون ٿا.

(1) سَتين جو آستان: روايت آهي تہ سَتيون سورميون هيون، جي ظالم زميندارن کان دور رهي، حق بخشي، ڌڻي تعاليٰ جي عبادت و رياضت ۾ گذاريندريون هيون. هڪ دفعي جيئن دستور موافق، هو ساموئي جي درياهہ تي وهنجڻ ويون تہ اُهي ظالم، انهن جي پنيان لڳا. انهن کي جهنڊي پاٽڻيءَ ٻيڙي پار پهچايو، مگر انهن نفس پرستن انهن جو پيڇو نہ ڇڏيو. آخر ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، ڌڻي تعاليٰ کي ٻاڏايائون تہ اسان جو سَتر ڪر زمين ڪُلي پئي ۽ هي زمين دوز ٿي ويون. هن هنڌ هاڻي سندن ستن قبرن جا نشان آهن. هي آستان پراڻي عمارت جو جڙيل آهي، مگر هن جي ڇت تازي نهيل

آهي. سامهون ڪجهيءَ جو وڻ ڏاڍي لَـئَـي لڳايو بيٺو آهي.

(2) شيخ حماد بن شيخ رشيد الدين جمالي: هن جو تذڪره جيڪر سمن حاڪمن جي سڪونت گاهہ جي احوال ۾ اچڻ گهرجي. هن جو مقبرو ڄام ننڍي جي اُتر ۾ مسجد جي نزديڪ تمام ڊٺل حالت ۾ واقع آهي. مگر جيئن تہ هي بزرگ ساموئي جي بزرگن ۾ شمار ڪجي ٿو، تئين هن جو احوال هت ڏيون ٿا. شيخ حماد، شيخ جمال اُچ واري جو ڏوهٽو هو، تنهنڪري جمالي سڏجي ٿو. ڄام جُوڻي جي ڏينهن ۾ ڄام تماچي ۽ سندس پٽ صلاح الدين سندس گهڻا معتقد هئا. ڄام جُوڻي، شيخ جي ڪرامت جي ڊپ ڪري، هنن کي دهليءَ ڏي قيد ڪري موڪلي ڏنو. شيخ صاحب کي تمام گهڻي ڪاوڙ لڳي. وجد جي حالت ۾ هڪ سنڌي بيت پڙهيائين، جنهن ۾ انهن لاءِ دعا هئي. اُن ڪري شيخ صاحب کي سنڌي ادب جي پهرين شاعرن مان شمار ڪجي ٿو. آخرڪار فقير جي دعا سان ڄام تماچي ۽ سندس پٽ کي حڪومت ملي. انهيءَ فقير صاحب جي حڪم تي هڪ وڏي مسجد ٺهرائي، جا اجا تائين سندس تربت جي اولهہ ۾ موجود آهي. مسجد شريف جي ساخت مان معلوم ٿئي ٿو تہ مسجد شريف جوين ۾ تہ لاجواب هئي.

(3) شيخ عيسيٰ لانگوٽي: هن جو ذڪر وري شيرازي ساداتن جي ضمن ۾ اچي ها، پر اسان سندس احوال "ساموئي جي سامين" ۾ ڏيون ٿا. هن جو قبو سيد عالي ثاني شيرازيءَ جي قبي جي اُتر اوير جي ڪُنڊ تي جبل جي لاهيءَ وٽ آهي. هي صاحب، لانگوٽو ٻڌي پيو هلندو هو، جنهنڪري کيس "لانگوٽيا" يا "لانگوٽيو" ڪري سڏجي ٿو. شيخ حماد جو هم صحبتي هو. پيچاڙيءَ جي ڏينهن ۾ سيد محمد

حسين شيرازي عرف سيد مراد جي تولد جي پيشن گوئي ڪيائين ۽ هن جي ڄمڻ وقت اتي حاضر ٿيو. ٻار جي بيعت ورتائين. اهو واقعو 831 هه جو آهي، جو سيد مراد جي تولد جي تاريخ "قرة العين" مان نڪري ٿي، جنهن جو حساب 831 هه ٿيندو. ٽن ڏينهن کان پوءِ هي هن دنيا مان اُسريو.

(4) ملا عبدالرحمان عرف ملا لُتر: هيءُ عباسي خاندان مان هو. وڏو ڪامل ولي هو. مگر پاڻ ڇرچائي بہ هڪ هو. ڄامن جو منجهس گهڻو اعتماد هو. سندس تربت، سيد مراد جي مقبري جي اُتر اولهہ طرف 300-400 والن جي مفاصلي تي آهي. تربت جي اوپر ۾ جاڪرن جو قيام آهي.

(5) شيخ جهندو پاتڻي: شيرازي ساداتن واري ٽڪريءَ تي سمجهو تہ اتر طرف، پريان هڪ اڇو گنبذ چِٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جو ساموئي جي اوير طرف واري مقام ۾ سَتَين جي آستان جي سامهون آهي. هيءُ صاحب، سيد ميران محمد جونپوريءَ جو مريد هو. جڏهن جونپوري صاحب ڄام نندي جي وقت ۾ ٺٽي آيو، تہ عالمن جي چوڻ تي ڄام، هن ڏي توجهہ نہ ڪيو ۽ ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي ٻئي پار روانيو ڪيائينس. ٻيڙي هڪ هنڌ وڃي گَتي، جنهن کي جهندي پاتڻيءَ اچي ڪڍيو، پوءِ تہ مهدوي رنگ ۾ رڱجي ويو. سَتيَن جي بہ هن صاحب مدد ڪئي. ماموئيءَ جي هڪ پريي مڙس کان معلوم ٿيو تہ جهندو پاتڻي، شاهہ آهي ۽ لڪياري ساداتن مان آهي، مگر اها روايت محقق نہ آهي. هاڻي هلون ٿا ڏکڻ طرف ساموئيءَ جي ڳوٺ واري پُل لنگهي، اورتي اڇبو تہ ٽڪريءَ جي هيٺان هڪ وڏي قبر آهي، جنهن کي ماموئي بہ سڏيندا آهن. غلام محمد سمي مجاور کان معلوم ٿيو

آهي ته قبر، فقير ساجن جي آهي، پر هاڻي هن کي ميگهواڙ، پير ڪري پوڄين ٿا. اهڙيءَ طرح اسان کي ماموئي جي هفت تن بزرگن جي ياد آئي، جن جون پيشن گويون مشهور آهن. انهن مان پهرين جي پيشن گوئي هيءَ آهي ته:

”هاڪ وهندو هاڪڙو، ٻڄندي ٻنڌ اروڙ،

ٻـِـهه، مڇي ۽ لوڙهه سمي ويندا سوڪڙي“.

اورتي ايندي ايندي، اسان کي هڪ وڏو اڇو مقبرو متاهين ٿَلهي تي پسڻ ۾ آيو . جنهن کي هڪ وڏو قبو ۽ ٻه ننڍا قبا هئا. مسٽر ڪوزنس مؤلف ”دي ائنٽيڪئٽيز آف سنڌ“ The Antiquities of Sindh جي لکيت موجب، هن جي پڪيڙ ساڍا 33x48 فوٽ آهي. هي مقبرو شيرازي ساداتن جي هڪ فرد سيد عالي ثاني ولد سيد جلال ولد سيد احمد ولد سيد محمد شيرازي جو آهي، جنهن جو وڏو ڏاڏو، سيد محمد، شيراز مان لڏي اچي ٺٽي ۾ ساڪن ٿيو، ۽ جنهن جي جي نعش کي سيد عالي ٻئي، مراد اوٺي جي ڳوٺ مان کڻائي، اچي هن قبي ۾ رکيو. هن بزرگ جي قبر، قبي ۾ اولهه طرف آهي ۽ ان جي پرسان سيد عالي ثاني جي ، ٻيون قبرون سندن عزيزن جون آهن. سيد عاليءَ کي اسان ادبي طرف کان به ياد ڪري سگهون ٿا، جو هڪ بيت سنڌي، اسان کي رسالي شاهه مراد مان معلوم ٿئي ٿو. هڪ دفعي شاهه صاحب حج جو ارادو ڪيو، مقربن ۽ متعلقن کين روڪيو. پاڻ هينيون بيت چئي، اچي وجد ۾ پيا 971هه ۾ راهه رباني اختيار ڪيائون. اهو بيت هيٺيون آهي، جو اڳ ڪنهن به ادبي تاريخ يا ڪتاب ۾ آيل نه آهي.

سرتين سانگ سڪن جو، مون کي رويو رهائين،

آءٌ تي هلان هوت ڏي، تان هوتي واريو وهارين،

وَرتيون وَرن سين، ويئيُون گهر گهارين،
تپندا تيون ڪارين، ڪانہ هُلائي ڪيچ ڏي."

سيد عالي جي مقبري جي ٻاهران در تي چئنيءَ ۾ سندس فرزند سيد جلال جي تربت آهي، جو مرزا صالح شهيد ترخان جو ناني هو. ان جي تربت جي پٺيان، سندس ٽن فرزندن جون تربتون آهن. مقبري جي اولهہ ۾ چاند مير جي تربت آهي، جنهن جو سن وفات 1122هہ آهي. مقبري جي اردگرد تمام گهڻيون تربتون آهن. پر جي قابل ذڪر آهن، سي هي آهن: اوپر ۾ درس پنهو، پرسان مراد بيليجو، ڏکڻ ۾ ننڍي مسجد جي پرسان شيخ حماد نيرون ڪوٽي، جنهن جي قبر پٿر جي اکري ۾ آهي. ان هيٺان ڏکڻ اولهہ هڪ ديوار جي اندر اڪيلي تربت آهي، جا مخدوم نوح رحہ هالائي جي پُٽ يا پوٽي جي آهي. هن خاندان سان شيرازي ساداتن جو گهرو تعلق رهيو آهي، جو سيد عالي ثاني مصنف "آداب المريدين" مخدوم نوح جو مريد هو. هن ڳالهہ جي تصديق "تحفة الطاهرين" ۽ "تحفة الڪرام" مان ملي ٿي. مذڪوره مقبري جي اُتر ۾ جوڪين فقيرن جون تربتون آهن، جي ڪتابن جي لکيي موجب، هن مقبري جا نهرائيندڙ هئا.

سيد عالي جي مقبري جي اُتر اوپر سوَ ڏيڍ قدمن تي پريان، هڪ قبو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جو شيخ عيسيٰ لنگوٽيي جو آهي، جنهن جو احوال اسان مٿي ڏئي آيا آهيون. ان جي اولهہ ۾ شوالي جهڙي هڪ عمارت آهي. ڏکڻ ۾ هڪ سنگين چَٽي آهي، جا پيل پاون تي بيٺل آهي. چيو وڃي ٿو تہ هن ۾ ٻُوٻَنا جَرار ميهار رکيل آهي، جنهن بابت ٻهراڙيءَ وارا عجيب و غريب قصا راتين جون راتيون جاڳي، ويهي ڪٽيندا آهن. هن مقبري جي اوپر ۾ هڪ ٻي پٿر جي چئني

آهي، جنهن ۾ نئين تيار ٿيل قبر موجود آهي، جنهن تي هي اکر اُڪريل آهن: ”مزار پير هالا شريف“ نيئن مرامت مائي عاصيان بنت الله رکيو ذات قصاب پنجابي ڪرائي آهي. مگر مجاور سيد مراد کان معلوم ٿيو تہ هي تربت ”تاجو دل“ جي آهي، جو ڄام ننڊي جو وزير هو. هن جي پرسان هڪ ڊنل ٿَلهو آهي، جتان مخدوم نوح رحہ هالائيءَ کي ختمو ڏنو آهي. هنن عمارتن خواهہ ڇٽين تي، هندن جي تعميري هنر جو اثر نمايان آهي. هن بابت انگريز سياحن گهڻو ڪجهہ لکيو آهي.

هاڻي اچون ٿا سيد محمد حسن عرف سيد مراد واري مقام تي. سيد مراد ڄمندي ئي ڄام هو. جيئن سندس احوال شيخ عيسيٰ واري حصي ۾ ڏئي آيا آهيون. هن صاحب جي ڪرامات جو سمورو احوال ”رسالہ مراد“ فارسي ۾ ”تذڪرة المراد“ عربيءَ ۾ آيل آهي. سيد مراد جي تربت ڪاٺ جي ڇٽيءَ جي هيٺان آهي. هن جي ڇوڏاري سندس عزيزن، ناناڻن ۾ معتقدن جون تربتون آهن. سيد مراد جي لڳ، سندس والدين ۾ پائرن جو تربتون آهن. هن جي تربت جي اُتر اوپر، مسجد شريف آهي، ۾ سـَـر اُتر مڪتب آهي،جو سيد صاحب جي علم جي ڪمال جو بين ثبوت آهي. اُتر ۾ ٻئي طرف سيد عبدالصمد جي تربت آهي، جو بہ ڪامل ولي ٿي گذريو آهي. سيد صاحب جي مقبري جي ٻاهران ڏکڻ ۾ سيد عبدالخالق شيرازيءَ جي تربت آهي، جنهن تي سن وفات 1295هہ لکل آهي. اوير ۾ هڪ تربت آهي، جنهن تي هي الفاظ اُڪريل آهن. ”مقبره منوره محمد قاسم جوهري تاريخ 26 ماه ذي القعد 1251هہ.“ سيد مراد جي ڏکڻ اوير ۾ سندس ناني قاضي نعمت الله جي تربت آهي، ۾ اتي ٻيو، قاضي صاحب جي متعلقن جو مقام آهي. هت اسان ساموئي ۾ شيرازي سادات جو احوال ختم ڪريون ٿا.

(3)

# سمن جي سڪونت گاهه

سيد مراد جي مقبري کان ڏکڻ طرف پيپرو وڻي هلنداسين تہ اسان کي واٽ تي، تلاءَ جي مٿان شاهہ ڪامل جو قبو ڏسڻ ۾ ايندو. ان کان اورتي اچبو تہ مائي سائيءَ جي تربت آهي. انهن ٻنهي جو احوال تحقيق طلب آهي. انهن کان اوري ڏکڻ طرف، پيپري جو پهہ پچائبو تہ اسان کي ڪاري گچ سان، مشهور قاضي عبدالله جي قبر ڏسڻ ۾ ايندي، جو ڄام نظام الدين عرف "ننڊو" جي ڏينهن ۾، بلند پايي جو عالم ٿي گذريو آهي، جنهن جي تقويٰ ۽ تعميل، احڪام رباني ضرب المثل هيون. ان جي مٿان معروف بزرگ حماد جماليءَ جو قبو آهي، جو هاڻي شڪستہ حال آهي، جنهن جو مفصل احوال اڳ ۾ ڏيئي آيا آهيون. سمن بادشاهن جي محلي ڏي، ٺٽي جنگشاهي واري رستي مان، هڪ پيپرو ڦٽي ٿو. گهڻو ڪري سيلاني، ان رستي جي وسيلي، سمن جي سڪونت گاهہ تائين پهچن ٿا، ۽ جهڙي نموني قبرون هنن کي نظر چڙهن ٿيون، ان طرح مان هنن مرقدن جو ذڪر ڪريان ٿو، جيئن مڪليءَ جي مشتاقن کي تڪليف نہ ٿئي.

سمن بادشاهن جي تخت گاهہ بابت پڻ وڌيڪ تاريخي احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي. انهيءَ ڏس ۾ اهو پڙهندڙن لاءِ ڪافي ٿيندو تہ "سما قوم" سنڌ جي اصل باشندن جي هئي. سومرن جي اٿبٽ ڪري، ڪيترا سما، سنڌ ڇڏي وڃي ڪڇ جا رهواسي ٿيا. سومرن جي مڪمل شڪست کان پوءِ، ڄام انڙ بن ڄام بابينو (752هہ/1351ع) ۾ سنڌ جو حاڪم ٿيو. "چچ نامي" موجب، سمن حاڪمن جو تعداد (پندرهن)

آهي، تاريخ معصومي جي مصنف سترهن ڄاڻايو آهي. مگر تاريخي تحقيق موجب اهي انگ اکر غلط آهن. در حقيقت سما بادشاهه ڪل (ارڙهن) ٿي گذريا آهن، ۽ هنن جو آخرين تاجدار ڄام فيروز بن ڄام نندو آهي، جنهن کي شاهه بيگ ارغون سن 926هه /1519ع ۾ شڪست ڏيئي، سمن جي حڪومت جو خاتمو آندو. هاڻي اچون ٿا، سندن قبرستان جي احوال تي.

اسان اوهان کي "سمن جي سڪونت گاهه" جي ڏکڻ اولهه واري ڪُنڊ تي وٺي وڃون ٿا، جتي مبارڪ خان جي سهڻي چوڪندي آهي، جنهن کي ٻه دروازا آهن. هڪ ڏکڻ ڪان ۽ ٻيو اوڀر ڪان. پهرين ڏسون ته هي مبارڪ خان ڪير هو؟ مقبري جي ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو ته مبارڪ خان، سلطان نظام الدين جو پٽ هو. مگر مڪليءَ جي قديم نقشي وارن، هن مقبري جو نالو "سلطان مبارڪ خان" عرف "دولو دريا خان" ڄاڻايو آهي، جا حقيقت، صحيح آهي. احمد بن دريا خان جو نالو ٻه نقشي ۾ ڄاڻايل آهي، جنهن جو نالو ڏاکڻي دروازي جي ڪُنڊ تي اُڪريل آهي ۽ تاريخي تحقيق مطابق، ڄام نظام الدين عرف "ڄام نندو" کي فقط هڪ فرزند هو، جنهن جو نالو ڄام فيروز هو، ۽ لقب فتح شاهه. پوءِ هي مبارڪ خان ڪٿان آيو؟ جنهن کي ابن نظام الدين ڄاڻايو ويو آهي. اچون ٿا هن منجهيل مسئلي جي صفائي تي. هي مقبرو مبارڪ خان بمعروف دريا خان جو آهي. هن جو پهريون نالو قبوليو هو، ۽ ڄام نندي جي ديوان "لکمير" جو غلام هو. هن جي سٺن لڇڻن ڪري، ڄام نظام الدين هن تي مفتون ٿي پيو، ۽ کيس مبارڪ خان جو لقب ڏيئي، پنهنجو مدارالمهام ۽ اميرالارم ڪيائينس. سيد محمد مهدي جونپوري، جڏهن سنڌ ۾آيو، تڏهن دريا خان وجي، هن جو

مريد ٿيو. ۽ ان جي دعا سان، بادشاهه جو ايترو راضپو ٿيس، جو هن کي غلام ڪري نه سمجهندو هو. مگر پنهنجو پٽيلو. ايترو ته معتمد هو، جو بادشاهه سلامت گذارڻ وقت، پنهنجي صغير پٽ ڄام فيروز جي ٻانهن، ان جي حوالي ڪئي. هن صاحب پنهنجي آقا جي پوري پرگهور لڌي، ۽ نمڪ حلاليءَ جو ثبوت ڏيندي، 927هه ۾ شاهه بيگ سان لڙندي شهيد ٿيو. ٺٺ‌ڪري هن جي نالي پنيان ابن نظام الدين شاهه لکيل آهي. ڏاکڻي دروازي تي احمد بن دريا خان جو نالو اُڪريل آهي، جو دريا خان جي پٽن مان هڪ هو. ان جي تربت به اندر احاطي ۾ آهي. ڏاکڻي دروازي تي عربي عبارت اُڪريل آهي، جنهن جي معنيٰ هيءَ آهي: "هي عزت واري تربت مبارڪ خان اعظم شهيد جي آهي، احاطي اندر سترنهن تربتون آهن. محراب جي طرف مبارڪ خان جي تربت آهي. تربت تي عربي ڪتبو لڳل آهي، جنهن جي عبارت مذڪور عبارت جهڙي آهي. اوير واري دروازي تي، عربي ۾ اکر اُڪريل آهن، جنهن جي معنيٰ آهي: "هي مقام خان اعظم ميان مبارڪ خان بن سلطان نظام الدين شاهه جي ڏينهن ۾ ٺهيو. تعمير جو آغاز جمادي الاول سن 895هه مطابق 1490ع ۾ ٿيو."

هن مان ظاهر آهي ته هي سهڻي عمارت دريا خان پنهنجي حياتيءَ ۾، ڄام ننڊي جي حڪومت ۾ جوڙائي.

مبارڪ خان جي مرقد جي اُتر اوير ۾، هڪ مقبرو بنا قبي جي شڪسته حالت ۾ آهي، جنهن ۾ ڏهه قبرون آهن. . اوير طرف به وڏيون قبرون آهن، ۽ ٻيون ڪچيون زمين ڪان ٿورو مٿانهينءَ تي آهن، سي زنانيون آهن. اندر اولهه طرف، پٽ ۾ هڪ ڪتبو عربي عبارت ۾ نظر آيو، جنهن جا ڪيترا اکر ميساريل هئا. عبارت جو سنڌي ۾ ترجمو هي

آهي، ”هي آرامگاهه الله تعاليٰ جي رحمت جي طالب واسطي آهي. هن عمارت جو ناهيندڙ ميان تاج الدين آهي، ۽ هي ميان فتح خان بن سلطان نظام الدين شاهه (جنهن جو ڏٽي تعاليٰ ملڪ ۽ سلطنت وڌائي) جي پيٽ لاءِ، 898هه ۾ تيار ٿيو.“

ڄام فيروز جو لقب فتح شاهه هو. جنهن جو اشارو اسان کي ڄام ننڍي جي مقبري جي اُترئين پاسي واري ٻاهرين ڪتبي مان مليو. هي مقبرو به ڄام ننڍي جي ڏينهن ۾ نهيو. ان مقبري کان ٻاهر نڪتاسين ته اسان جي توجهه اوپر پاسي جي هڪ مقبري ڇڪيو. اندر ڪابه تربت معلوم نه ٿي. سمجهوسين ته فرحت لاءِ بنايو ويو آهي. مگر پوءِ هڪ ڪتبو عربي عبارت ۾ لکيل ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جو سنڌي ترجمو هي آهي: ”هي آرامگاهه، الله جي رحمت جي اميدوار جي آهي. عمارت جو جوڙيندڙ ملڪ راجپال پٽ ملڪ اُنڙ پٽ ملڪ راهو پٽ ملڪ رانڌن پٽ ملڪ راهو پٽ فيروز شاهه سلطان آهي. يا الله هن جي آرامگاهه ٿڌي رک. هن جي قبر روشن ڪر. ۽ هن جي اڪيلائي کي راحت وارو ڪر.“

هن مقبري جي ڪتبي مان اسان کي شجرو ته ناياب مليو. مگر سن نه هئڻ ڪري خبر نه ٿي پوي ته ڄام ننڍو جي پٽ ڄام فيروز جي اولاد جو آهي يا سندن وڏي ڏاڏي فيروز جو. جنهن جو نالو ڄام ننڍي واري عمارت جي شجري ۾ آهي. مگر ان شجري سان هي موجود شجرو لاڳاپو نه ٿو ڏيکاري، تنهن ڪري سمن جي تاريخ جو باب اونداهو آهي، جو تحقيق طلب آهي. هن مقبري جي ڏکڻ ۾ به قبرون ٻاهر واقع آهن. هڪ خالي آهي ۽ ٻيءَ تي هي عبارت اُڪريل آهي: ”هـٰذالقبر جبير بن مراد“

هن ٽڪر ۾ ٻه رانڪون، انهن ٽنهي جون جڙيل ملن ٿيون. هڪ اترئين طرف ۽ ٻي ڏکڻ اولهه طرف. اُتر واري رانڪ جي اولهه پاسي وارو حصو ڊٺل آهي ڪتبي جي عبارت فارسي ۾ لکيل آهي، مگر گهڻي ميساريل آهي. اسان ڪوشش ڪري، جو مطلب ان مان ڪڍي سگهياسين، سو هي آهي:

"شاڪر دلير عمارت، راهو بن محمد در عهد
ڄام تغلق سڪندر شاه بتاريخ."

ڏکڻ اولهه واري رانڪ جي اولهه پاسي، جو ڪجهه لکيل هو، سو هي آهي:

"بسم الله الرحمان الرحيم، حصار ڪردم بقول لا الٰه الا الله، مهر زدم بنام محمد رسول الله."

هن جي ڏکڻ ۾، هڪ تربت قبي اندر آهي ۽ ٻي قبي کان ٻاهر، اُيرندي طرف آهي. رانڪ نمبر پهرين جي اتر اولهه جي ڪنڊ ۾، هڪ وڏو پٿرن جو ڍير آهي، مگر ان بابت ڪوبه خاطر خواه نشان نه ٿو ملي. اهڙيون گهڻيون ئي تربتون مليون، جن تي ڪتبا لڳل نه هئا. هاڻي رڙهون ٿا اُتر جي پاسي، جتي ڄام نظام الدين جو عاليشان منقش مقبرو آهي. بهتر آهي ته پهرين هن مقبره جي مضافات جو احوال ڏجي. مقبري جي اُترئين پاسي واريءَ پٽ تي، هڪ عبارت لکيل آهي، جا پڻ سلطان نظام الدين بابت آهي. مگر وڏو مزو هي آهي، جوهن عبارت ۾ تاريخي خزانو آهي، ۽ نظام الدين جي نسب جو پورو آئينو آهي. هي ڪتبو، سيني تاريخ جي ڪتابن کان وڌيڪ محقق آهي. سچ ته اهو آهي، ته ان مطابق ڄام ننڍي جو نسب سمجهڻ گهرجي. اڳوڻن صحيح تاريخن جي مدنظر ڄام نظام الدين جو شجرو هن طرح آهي:

"ڄام نظام الدين بن ڄام بابينه بن ڄام انڙ بن ڄام صلاح الدين بن ڄام تماچي بن ڄام خير الدين بن ڄام تماچي بن ڄام انڙ."

مگر هن ڪتبي ۾، شجرو حسب ذيل طرح ڄاڻايو ويوآهي:

"ابوالفتح سلطان فيروز شاهه. سلطان نظام الدين بن سلطان صدرالدين شاهه بن سلطان صلاح الدين شاهه بن سلطان رڪن الدين بن شاهه فيروز الدين."

تي سگهي ٿو تہ ڄام بابيني جو لقب صدرالدين شاهه هجي، مگر ڄام بابينه پٽ ڄام انڙ جو ۽ پوٽو ڄام صلاح الدين جو ڏيڪاريو ويو آهي. مگر موجوده ڪتبي موجب صدرالدين، ڄام صلاح الدين جو پٽ آهي. هن حقيقت ڏي اڄ ڏينهن تائين مؤرخن جو ڪوبہ توجهہ نہ ويو آهي. هي بندو تاريخ جي هڪ طالب العلم جي حيثيت سان سيني معزز مورخن جو ڌيان هن طرف ڇڪائي ٿو. ڄام نندي جي مقبري جي اُترئين پاسي، هڪ تربت آهي. ان جي اُتر اولهہ واري پڙ ۾، هڪ رانئڪ آهي، جنهن ۾ ٻہ تربتون وڏيون آهن، ۽ هڪ ننڍي "تحفة الڪرام" ۽ "تحفة الطاهرين" جي لکيتن موجب ڄام تماچي ثاني، مائي گندريءَ جون تربتون حضرت شيخ حماد جماليءَ جي پويان آهن. مگر الوحيد آزاد نمبر 1935ع واري لکيو آهي تہ هاڻي نام و نشان ڪونهي. بندي جي ناقص راءِ مطابق هن رانڪ ۾، سنڌ جي سدا سونهاري سچي عاشق ڄام تماچي ثاني، ۽ سندس پياري پَٽَ راڻي گندريءَ جون تربتون آهن. وچ ۾ هڪ ننڍي قبر آهي، جا انهن ٻنهي عاشقن جي راس جو وياج آهي. هن جي اُتر ۾ شيخ حماد جماليءَ سونهاري وليءَ جي ڊنل مقبري جا آثار آهن. انهيءَ جي اولهہ ۾ وڏي مسجد آهي. هن مسجد جي لڳ، اولهہ ۾، هڪ سرن جي نهيل قبر آهي، جنهن جي پرسان، مسجد جي اولاهين پٽ تي، هٿ سان

"مائي مڪلي" لکيل آهي. مگر هيءَ تربت "مائي مڪلي" جي نہ آهي. مسجد جي اُتر اولهہ طرف هڪ خوبصورت پٿر جي چوڪنڊي آهي، جنهن جي اندر هن نامور خاتون "مائي مڪلي" جي تربت آهي. نقشي ۾ بہ ائين چاٽايل آهي. ان چوڪنڊي جي اولهہ ۾، وري ساڳي نموني جي ٻي چوڪنڊي آهي، جا شڪستہ حالت ۾ آهي. مذڪوره مسجد ۽ ڄام ننڍي جي مقبري جي وچ ۾ بہ ٻين ٽن شڪستہ حال رانئڪن جا آثار ملن ٿا. انهن سيني رانئڪن جا فوٽا ۽ ذڪر مسٽر ڪوزنس پنهنجي مشهور تصنيف "دي آئنٽيڪئٽيز آف سنڌ" (The Antiquities of Sindh) ۾ ڏنا آهن. هاڻي اچون ٿا ڄام نظام الدين جي مقبري تي. ڄام ننڍي جي مقبري، هر انگريز سيلانيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو آهي. هي مقبرو چوڪنڊو آهي. هن جي اولهہ پاسي تي پٿر جو لاثاني نقش اُڪريل آهي، جو هندن جي مصوريءَ جو بين ثبوت آهي. مقبرو اجا ناقص آهي. مٿانئس ڇت نہ آهي. ٻيو تہ ديوارن جي مٿان تعمير جو جيڪو نمونو معلوم ٿئي ٿو، تنهن مان ظاهر آهي تہ معمارن کي اجا بہ وڌيڪ ڪم ڪرڻو هو. شايد ڄام فيروز جي ڏينهن ۾، جي سياسي بي اعتداليون ٿيون، تن هن نوخيز ڄام خواهہ هن جي معتمدن کي انهن ۾ رڌل رکيو ۽ انهن جو توجهہ ڄام ننڍي جي مقبري تي مڪمل نہ رهيو. سڄي قبي جي چوڌاري آيات قرآني اُڪريل آهن. هندو نموني جي مصوري، ۽ نٽ کي ڏسي، انگريز سياحن. برٽن، پاٽنجر ۽ جيمس وغيره جو اهو خيال آهي تہ اولهہ واري پاسي جا پٿر، ڪنهن مندر يا شوالي کي ڊاهي، ان مان ڪڍي، استعمال ڪيا ويا آهن. مگر بندو هن خيال سان متفق نہ آهي. ان لاءِ هي سبب پيش ڪجي ٿو:

سومرن ۽ سمن جي ڏينهن ۾ ڪڇ، گجرات ۽ راجستان جي

ملڪن جو تعلق، اسان جي سنڌ سڀُوريءَ سان تمام گهرو رهيو آهي، يا ڪٽي ائين چئجي تہ پياري سنڌڙيءَ جا اهي مضافات هئا. انهن ملڪن جي ثقافت، تمدن ۽ تهذيب جو مرڪز سنڌ هو. هڪ ڳالهہ جو مسٽر ڪوزنس اعتراف ڪيو آهي، تہ ڄام ننڍي جي مقبري جي محراب جو نمونو بنهہ گجرات جي مسجدن جي محراب وانگر مزين ٿيل آهي. هن مان ظاهر آهي تہ معمارن جو گهڻو حصو هندو يا ڪڇ ۽ گجرات جي پاسي جا هئا يا انهن ڏينهن جي فن تعمير جو نمونو اهو هو. انهيءَ زماني جي تعمير جا ٻيا مثال اسان کي شيخ عيسيٰ لنگوٽيي جي مزار جي ارد گرد نظر اچن ٿا. جيڪي بہ رانڪون ٺهيل آهن، انهن جي ساخت، بيان ٿيل اثر جي هيٺ آهي. اهو بہ هڪ سنڌي مصوريءَ جو نئون باب آهي. جي اصحاب، سنڌي مصوريءَ جي تفتيش ۾ مشغول آهن، تن جو ڌيان هن طرف ڇڪائجي ٿو. ڄام ننڍي جي مقبري اندر ٿلهي تي چار تربتون آهن، ۽ بہ ڪنڊن ۾ آهن. وچين تربت ڄام صاحب جي تصور ڪجي ٿي. جيئن تہ مقبري جي ڇت کليل آهي، تيئن بارش جي وقت، هنن تربتن جي چوڌاري سلا اُپرندا آهن، ۽ ان وقت بيبي جهان آرا بنت شاهہ جهان جو هينيون بيت، دل تي تري ايندو آهي:

"بغير سبزہ نہ پوشد کسي مزار مرا،
کہ قبر پوش غريبان همين گياہ بس است."

اولهہ جي طرف، ڪنڊ تي ننڍو دروازو آهي، مٿان سيڙهي. دروازي جي مٿين سرائيءَ تي عربيءَ ۾ ڪتبو اُڪريل آهي، مگر هاڻي هن جو ڪاٻو پاسو ڀڄي پيو آهي. بنده جڏهن 1943ع ۾ مڪليءَ جو سير ڪيو هو تہ سارو ڪتبو سالم هو، مگر افسوس تہ زماني جي ظالم هٿن، هن ڪتبي کي بہ نہ ڇڏيو. جيڪي لفظ بيٺل آهن، تن جو ترجمو هي آهي:

"يا الله، تنهنجي رحمت ۾ اميدوار سلطان جو هي مقام مغفور و مرحوم سلطان نظام الدين پٽ سلطان صدر الدين."

هتي هي بہ ظاهر ٿيندو تہ سلطان جي والد جو نالو صدرالدين لکيو ويو آهي ۽ نہ ڄام بابينو جيئن تاريخن ۾ مذڪور آهي. مان مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ صدرالدين ڄام بابيني جو لقب هو، جيئن مغل حاڪمن جا لقب، سندن نالن ڪان ڌار هئا . مثلاً: بابر جو ظهير الدين، ۽ همايون جو نصير الدين وغيره.

سمن جي آرام گاهہ ڏي ايندي، رستي ۾ پريان هڪ قبو اسان کي ڏسڻ ۾ آيو، جو اڪيلو هو. هن کي سڏيندائي آهن "سُجو قبو"، نقشي ۾ بہ ائين لکيل آهي. پهرين تہ اسان هن کي سچي پچي سُجو سمجهي، ڇڏي ڏيڻ جو خيال ڪيو، مگر دوستن جي اصرار ڪري، اسين هن طرف وياسين. وجون تہ سبحان الله! هي مقبرو پنهنجي اندر، زماني جي مهمير لڪائي وينو آهي، ان ۾ ڪي زنانيون ۽ ڪي مردانيون قبرون هيون. مان شايد پڙهندڙن کي نہ ڄاڻايو آهي تہ ان زماني جا مردانہ ۽ زنانہ قبرن ۾ تفاوت آهي. مردانہ وڏيون آهن ۽ زنانہ ڌرتيءَ جي سطح کان تمام ٿورو مٿي آهن. دروازي تي بهترين ڪتبو لڳل هو، جو گهڻي وقت گذرڻ ڪري، گهڻو ميسارجي ويو آهي. باقي جيڪو ڪجهہ اسان کي معلوم ٿيو، تنهن مان هي اخذ ڪري سگهجي ٿو تہ هي مقبرو ڪنهن معزز خاتون سمياڻي بنام اَسامہ جو آهي. سن 908هہ ڏيکاريل آهي، جو ڄام ننڍي جي حڪومت جو وقت آهي، ڄاڪاڻ تہ ڄام صاحب جي فوت ٿيڻ جو سن 914هہ (مطابق 1508ع) تحقيق طرح ڄاڻايو ويو آهي، نہ تہ سندس حڪومت بابت گهڻيئي روايتون آهن. ڪن مورخن جو خيال آهي 43 سال، ڪن جو 63 سال ۽

ڪن جو 73 سال، مگر تحقيق مطابق 43 ۽ 50 جي وچ ۾ آهي.

آخر قارئين ڪرام جو خيال هن حقيقت ڏي ورائڻ چاهيان ٿو تہ سمن جي ڏينهن ۾، عربي زبان عروج جي چوٽيءَ تي پهتل هئي. سمن جي سمي ۾، اسان کي ڪيترا عالم متبحر معلوم ٿين ٿا، جن عربي زبان جي ترويج لاءِ، هزارين تصانيف زيب قلم ڪيون. هن ڪري عربي زبان جو اهڙو زور هو، جو گهڻو ڪري سمن جي مرقدن جا ڪتبا، عربي عبارت ۾ اُڪريل آهن. مگر ڪن ڪتبن ۾، اهڙا عربي الفاظ ڪم آندل آهن، جي ڏاڍا فصيح ۽ بليغ آهن. قبر جي بدران هڪ لفظ "مضجع" ڪم آندو ويو آهي، جو استاد محترم پروفيسر جلباڻي صاحب جي راءِ مطابق تمام فصيح آهي.

# سمن کان وٺي، شيخ جيئي تائين

اسان اوهان کي، ڄام مبارڪ جي قبي وٽ وٺي هلون ٿا. جتان اسان ڏکڻ طرف رخ رکون ٿا. پهريائين اسان، ڏکڻ طرف رخ رکون ٿا. پهريائين اسان کي هڪ چوکنڊي ڏسڻ ۾ ايندي، جنهن ۾ هڪ مٿانهون ٿلهو آهي، ان ۾ 13 قبرون آهن. هي ترخاني خاندان وارن جون تربتون آهن. انهن مان مشهور هي آهن:-

1. مير سليمان بن مرزا عيسيٰ 964هه.
2. وفات بيگ جان بنت مرزا عيسيٰ خان 963هه.
3. ترسونِ بيگ بنت مرزا عيسيٰ خان جمادي الاول 962هه.
4. امير مرحوم خير الله خان 949هه.

هن چوکنڊيءَ کان ٿورو ڏکڻ طرف هلبو تہ ڪيتريون تربتون اوپر خواه اولهہ طرف پٿاريل نظر اينديون، جن مان گهڻن جا ڪتبا ميساريل آهن. جن جا ڪتبا چٽا هئا، تن مان قابل ديد هي آهن:-

(1) وفات مغفوره مرحومہ بيگم خان بيگ 949هه.

(2) وفات يافت مرحومہ و مغفوره شهر بانو بيگ بنت امير شاهہ علي ارغون 965هه. هن کان ٿورو اڳيرو اسان کي هڪ خوبصورت چوکنڊي يا محراب ڏسڻ ۾ آئي، جنهن ۾ تربتون سڀ بي ڪتبي هيون. اڳتي هلياسين تہ هڪ رانڪ نظر آئي، جنهن ۾ سلطان قلي بن مقيم بيگ جي تربت ۽ هن جي متعلقن جون سڪونت گاهون هيون. سلطان قلي جي تربت تي وفات جو سن جمادي الاول 1001هه لکيل هو. هي صاحب شاهہ بيگ جي فوج جو اعليٰ عملدار

هو. هن رانڪ جي ڏکڻ اوير ۾ ڪي تربتون ترخاني اميرن جون معلوم ٿيون، جن مان قابل ذڪر هي آهن:-

امير محمود بيگ ترخان چهاردهم جمادي الاآخر روز شنبہ 965هہ. ڏکڻ اولهہ جي طرف وري عاليشان مقبرو ڏسڻ ۾آيو، جو تمام شڪستہ حال ۾ هو. هن ۾ هڪ تربت باقي هئي ۽ ٻي منهدم. ڀريائين تہ اسان کي ڪوبہ ڪتبو نظر نہ آيو، مگر پوءِ گهڻي مشڪل بعد محراب جي مٿان عربي ۾ لکيل هڪ ڪتبو معلوم ٿيو، جنهن جو ترجمو هي آهي، "خاص ماڻهن جو بادشاهہ ملڪ ڪائوس (Kaus) سلطان فوت ٿيو 919هہ." هن جي اوير طرف احمد درويش جو مقبرو آهي، جو وڏو ولي الله ٿي گذريو آهي ۽ اولهہ طرف جمن جتيءَ جو مقبرو آهي، جو بہ ڪامل ولي ٿي گذريو آهي. ڏکڻ طرف ٿورو اڳيرو هلياسين تہ اسان کي لوڏي ۽ شڪر الاهي ساداتن جا مقام نظر چڙهيا. هي سادات بہ ٺٽي جي ساداتن جي مکيہ ڪڙي آهن. اڃو تہ هن جي خاندان مان ڪجهہ واقف ٿيون. لوڏي سيد مازندراني بہ سڏبا آهن. ڇو تہ سندن خاندان جو پهريون شخص سيد بدرالدين ماژندان مان نڪري، 907هہ ۾ سمنڊ جي رستي ديول بندر وٽان ٺٽي ۾ آيو ۽ ساڪوره يعني ساڪره جي پرڳڻي جي هالن جي ڳوٺ ۾ پهتو، جتي.سيد سلطان شاهہ برقعي پوش رهندو هو، جنهن کي لوڏي چوندا هئا. هن صاحب جي نيانيءَ سان سيد بدرالدين جو عقد ٿيو.

شڪر الاهي سيدن جو وڏو قاضي سيد شڪر الله ولد سيد وجد الدين 906هہ ۾ هرات مان قنڌار ۾ آيو ۽ اتان 927هہ ۾ ٺٽي ۾ آيو ۽ شاهہ حسن جي زماني ۾ اتا جو قاضي مقرر ٿيو. هن مقام جي

ڏکڻ اوڀر طرف وري امير سلطان محمود بن امير سلطان تيمور وفات ذوالحج 1021ھ جي تربت آهي. هيءَ هڪ دڙي تي واقع آهي. هن دڙ ي جي ڏکڻ اوڀر پاسي، ٽڪريءَ جي اوڀرندي واريءَ وٽ وٽ، ٽوهرن جي وچ ۾ هڪ ڊنل چوڪنڊي آهي، جنهن ۾ ٽي تربتون آهن. وچين تمام وڏي، اوڀر واري ٿوري ننڍي ۽ اولهه واري صفا ننڍي بي ڪتبہ آهي، اهڙيون ڊگهيون ۽ چوڙيون تربتون اسان کي ڪٿي بہ نظر نہ آيون. هن مان معلوم ٿيو تہ هي، ڪن بزرگ ترين شخصيات جون آهن. هڪ طرف ٽوهرن جي وڻن سان وڪوڙيل ۽ ٻئي طرف مائي مٽيءَ جي گود ۾ قراريل هيون. تنهنڪري اسان کي بيلچي ۽ ڪهاڙيءَ جي مدد وٺڻي پئي. ٿوري وقت ڪان پوءِ، ٻاهر ڪڍي، نروار ڪيون ويون. سبحان الله! بهترين ڪتبا اُڪريل هئا. وڏيءَ قبر تي اُڪريل هو:

"شيخ برهان الملة والدين جنيد ابن شيخ الاسلام عبداللطيف هاشمي گازروني وفات 14 جمادي الثاني 907ھ ٻي قبر سندس لخت جگر شيخ يحيٰ بن سيد المشائخ جنيد وفات 15 رمضان 919ھ" جي هئي. هي اسان جي نين نصرتن مان هڪ نصرت هئي، جو اهڙن بزرگ شخصيتن جون مرقدون لڌيونسين، جي اڳ گمناميءَ جي گوشي ۾ لڪل هيون. قديم نقشي مطابق امير سلطان جي ڏکڻ اولهہ ۾ پير قادريءَ جو قبو آهي. اهو بہ اسان جي نظر مان گذريو، مگر بنا ڪنهن ڪتبي جي هو. مذڪور ٻن وڏين تربتن جي ڏکڻ اولهہ. ٻين ٻن قبرن جا نشان هئا. جن مان هڪ تي هي ڪتبو نظر آيو: "وفا يافت عاليجاه حڪومت بنده سعادت امير محمد يامين بن امير مغفور مرحوم مير محمد سن

ميساريل هو. هن سان گڏ ٻي قبر شايد مير محمد خان جي هجي، جا شڪسته حال هئي. قديم نقشي مطابق مير محمد خان جي تربت ڄاڻائي وئي آهي ۽ سن وفات 1021هه آهي. ڏکڻ طرف هڪ پڪي قبر ٿلهي تي آهي، جنهن تي هي ڪتبو اُڪريل آهي.

”امير اعظم امير خضر بن ابراهيم محرم 918هه ۾ فوت ٿيو.“

هن بعد اولهه ڏکڻ طرف اڳيرو وڌياسين ته مسجد جهڙي هڪ چوڪنڊي، وڏي مقام جي وچ ۾ آئي. اسان جي سُونهي جي چوڻ مطابق، هي مقام شيخ بهاؤالدين ملتاني جي متعلقن جو آهي، مگر قديم نقشي مطابق، هي مقام ميران پير بغداديءَ جو آهي ۽ هن ۾ مشهور رتو - قبو شاهه عبدالمجيد جو آهي. هن جي پير ۾ وري شاهه عبدالودود جي مرقد آهي. هن جي ڏکڻ اولهه طرف شيخ جيئي جو قبو ۽ سندس چوڌاري وڏو مقام آهي. هن قبي جي اندر ڪيتريون تربتون هيون، وچ واري تربت نعمت الله جي هئي، جو شيخ جيئي جو والد آهي. هيءُ صاحب شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جي اولاد مان هو. سمن جي حڪومت ۾ ٺٽي ۾ آيو ۽ اتي ئي گذريو. سندس پٽ شيخ جيئو، قبي ۾ پيءُ جي ڏکڻ ۾ رکيل آهي. شيخ جيئو رياضت ۽ ڪرامت ڪري، ايترو ته مشهور ٿي ويو، جو ڪيس "مڪلي جو ڏيئو" ڪري چوندا آهن.

ماهه پهرين سومار تي هر مهيني مٿس ميڙو لڳندو آهي. مريد، رات جو هت اچي، جاڳندا آهن ۽ وجدءِ سماع ڪندا آهن. شيخ جيئي جي اپرندي ميان لعل جي قبر آهي، جو چون ٿا ته قلندر شهباز جو عزيز آهي. شيخ جيئو جيئن ته ولـي ڪامل هـو، تيئين هـن جـي

مضافات ۾ اميرن خواهہ غريبن جون الاهي قبرون آهن، ضروري آهي تہ انهيءَ وڏي مقام مان، ڪن قبرن جي صاحبن جو ذڪر ڪجي.

قبي جي اوڀر ۾ پنج ٿَلها آهن. پهرئين ٿَلهي تي پنج قبرون آهن.

(1) امير ايال بيگ بن امير حسن بيگ 11 ماهہ صفر 966هہ.

(2) حاجي امير محمد باقر بن امير محمد مقيم 20 ربيع الاول 966هہ. (3) خالي (4) امير سيد انتساب علي بن مرحوم امير محمد باقر ماهہ ربيع الاول 967هہ. (5) امير سيد جلال الدين بن عبدالله بن سيد حبيب الله بن امير سيد علي هروي 22 شوال 944هہ.

ٻئي ٿَلهي تي ٽي قبرون هيون، جن ۾ امير حسن بيگ 971هہ ۽ انجا متعلق مدفون ٿيل آهن.

ٽئين نمبر ٿَلهي تي 5 قبرون هيون، جن ۾ امير محمد قلي بن عبدالصمد ترخان وفات سن 946هہ ۽ ان جا عزيز پوريل هئا.

ٿلهي نمبر چوٿين ۾ هڪ مستوره بنام احمد بيگ سن وفات 1032هہ جي تربت هئي.

ٿلهي نمبر پنجين ۾، ٻہ تربتون، تن مان هڪ خالي ۽ ٻي فخر جهان ابوالمحمد مرزا وفات 27 رمضان 950هہ جي تربت آهي.

قبي جي اُتر اولهہ ۾ ڪيتريون پٿر جون قبرون آهن: جن مان ڪي ڪتبن کان سواءِ ۽ ڪي ڪتبن سان آهن. انهن مان مکيہ تربت اسان هيءَ ڏٺي:

امير عليڪہ بن عالي جناب ايال بيگ علي ارغون سن 954هہ قبي جي پرسان ڏکڻ خواهہ ڏکڻ اوير اوتاري جي پر ۾ ڪيتريون سنگين قبرون ڪتبن سان آهن. ڪن تي تمام سهڻا بيت اُڪريل

آهن، انهن مان ٻ پڙهندڙن جي حظ خاطر هت پيش خدمت ڪريان ٿو.

رفـــت از اينجـــا ان نيـــازِ نوجـــوان
مــرغِ روحِ او ســـوي عقبـــيٰ شـــده
ســالِ فوتــش راچــون جســتم عقــل گفــت
"او مقيـــمِ جنـــت اعلـــيٰ شـــده"

---

چـون آن امير كبيـر از جهـان بايمـان رفـت
رسـاند چـون آن قبـرش زنـور چنـد طبـق
دبيـــر عفـــل روان گفـــت ســـال تـــاريخش
بـود زمانـه وفـات اينـک نيـک نسـق سـبق

---

(5)

# شيخ جيئي کان سيد عبدالله تائين

اوهان صاحبن، سمن جي سڪونت گاهه کان ونئي شيخ جيئي تائين سارو بيان پڙهيو. شيخ جيئي جي مقبري جي آسپاس جو به ڪجهه احوال ڏنو ويو هو. اچ وري اسان اوهان کي اڳيرو ونئي هلون ٿا. جنهن مڪليءَ جي ٽڪريءَ جو اسان اچ ذڪر ڪريون ٿا، سو به اڳوڻي ٽڪر کان ڪنهن حالت ۾ گهٽ نہ آهي. پاڻ هن ۾ قبرن جو تعداد گهڻو هو. مگر اختصار کان ڪم ونئي، مضمون کي وقت اندر پورو ڪبو. شيخ جيئي جي مقبري کان ڏکڻ اولهہ هڪ عجيب و غريب آناس عمارت نظر آئي يعني اٺ ڪُنڊي عمارت، جا دنيا جي بي ثباتيءَ تي ماتم ڪري رهي هئي. هن جا بلند نشان ڪنهن ڪنهن هنڌ ڪا شيءِ جي ڪاريگريءَ مان پڌرا هئا. هن جي ڪُنڊن ۾ بہ ننڍا چار اناس هئا، ۽ چار وڏا دروازا هئا، ۽ چار ننڍا. هن کي "چار دري محل" بہ سڏي سگهجي ٿو. هن ۾ اندر ڪي ڊنل قبرون هيون. مقام جي سرڪاري چوڪيدار کان معلوم ٿيو تہ ڪنهن بادشاهہ جي پٽ راڻيءَ جو محل هو. ڏکڻ طرف وري هڪ وڏي قبر مناري سان ڏسڻ ۾ آئي، مگر هن تي ڪوبہ ڪتبو نہ هو. مسجد جو محراب نهيل هو، جنهن تي قرآن شريف جي هڪ آيت 1097هہ سان اُڪريل هئي. اندر ٽي تربتون هيون، جن مان هڪ جي مٿان ڪلمو شريف ۽ هي اکر نظر آيا:

"ڪتبه سيد علي 1097هہ." انهيءَ محل جي اولهہ ۾ پوراڻي سادات جو قبرستان آهي، جنهن ۾ بين صاحبن سان گڏ پوراڻي

ساداتِ جي بزرگ شخص شيخ عبدالوهاب پورانيءَ جي قبر آهي، جنهن جي وفات شعبان 973هه ۾ ٿي. هي اُهو صاحب آهي، جو مرزا باقي جي ظلم جو شڪار ٿيو. هن قبر جي ڏکڻ ۾، چار تربتون آهن، جن مان ٻه خالي ۽ ٻه ڪتبن سان هيون. پهرين تربت غياث الدين محمد بن عبدالله هروي جي هئي، جنهن جي اولاهين ۽ اوڀارين پاسي هي ڪتبا لکيل هئا:

"دلا زنهار ازين چرخ ستمگار
ڪه آئين وفا و مهر ڪم جو
بسي را داغ حسرت اند بر دل
اجل ڪزوي در افغانند هر سوه
غياث الدين محمد نو گل دهر
ڪه بودي طوطي طبعش سخن گر
غريقِ رحمت حق باد يا رب
ڪه بود او را بسي او صاف نيڪو
خرد تاريخ فوتش جست گفتم
بهشت جاوداني مسڪين او."

ٻي تربت خالي آهي. ٽين تربت تي هي اکر اُڪريل هئا. "وفات ڪرد خواجه عبدالله بن خواجه علي شاه هروي 964هه." چوٿين قبر خالي هئي. انهيءَ مقام جي اوپر اُتر طرف، هڪ ٻيو مقام ڏسڻ ۾ آيو، جنهن ۾ 9 قبرون هيون، جنهن ۾ سنڌ جي مشهور بزرگ سيد ابوالمڪارم جا ڪي مائٽ هئا. قبرون هن طرح هيون: (1) وفات يافت خانم قريش 1014هه. (2) وفات يافت مرحومه فخرالنساء مريم خانم والده امير خان بن مغفور و مبرور سيد ابوالمڪارم سلطان

تاريخ 14 صفر سن 1025هـ (هي سن چٽو نہ هو. ٻيو سن 1002هـ معلوم ٿيو). ڏکڻ طرف ست قبرون هيون. پهرين مرحومہ صالحہ ساجده بيگم بنت مرحوم و مغفور وفات اربع ماه رجب 1012هہ. ٻيو نمبر خالي. ٽيون نمبر سيد عبدالله وفات محرم 1006هہ. چوٿون نمبر خالي. پنجين ننڍڙي. ڇهين شهزاده خانم بنت امير سيد ابوالمڪارم وفات 1008هہ. ستين قبر: وفات يافت خورده خانم بنت سيد امير مير خورد ماه صفر 1098هہ. اوڀر طرف معروف ميرڪي ساداتن جو مقام آهي، جنهن ۾ ڪيترون ئي تربتون هيون. پهرين صف ۾ اسان کي 9 تربتون ڏسڻ ۾ آيون. جي هن طرح آهن: پهرين تربت خالي، ٻي تي هي منظوم ڪتبو لڳل آهي:

"ميرک چو هميشه شد بگفتم" باخامہ کہ آن سال نوشتي. گفتا کہ نوشتم و بر آمد. تاريخ ز "ميرک بهشتي."

ٽين خالي، چوٿين خالي، پنجينءَ قبر تي هيٺيون دلچسپ ڪتبو لڳل آهي:

"عيد قربان زهي ماتم آن شهہ کہ زحق<br>
هديہ هر دم بسر ترتب او باد درود<br>
سال تاريخ ندا داد بگوشم هاتف"<br>
"هادي اهل کرم يافت "مقام محمود"

1086هہ

ستين قبر خالي. اٺين قبر تي هي ڪتبو لڳل هو:

"هذا قبر ميرک محمود پوراني 1054هہ." نائين تربت مشهور اديب مير عبدالباقي جي آهي، جنهن تي وڏو سهڻو ڪتبو منظوم اُڪريل هو. جنهن جي آخري سٽ آهي.

”سال تاريخ وفاتش راچون جستم عقل گفت
ميــر عبدالبــاقي آســوده فــردوس نعــم.
1058هه

اوپر پاسي مٿي تلهو آهي، جنهن تي هڪ زناني تربت آهي، جنهن تي هي لفظ اُڪريل آهن: ”سيده تاج النساءِ آچر 11 - رجب 970هه.“ پرسان ٻئي تلهي تي ٻي قبر آهي، جا سلطان محمود بن امير محمود بن سيد غياث الدين محمود وفات 4 - محرم 960هه جي آهي. اوپر طرف وري اسان کي خواجگان جي مشهور قبيلي جون تربتون نظر چڙهيون، جن مان مکيه تربتون ڇاڻائجن ٿيون.

1. خواجہ شمس الدين محمد بن خواجہ محمد خراساني 969هه.

2. خواجہ ابراهيم بن خواجہ حاجي عرب رجب 983هه. واٽ تي شيخ جيئي کان عبدالله شاهه ڏانهن ويندي، رستي تي اسان متفرق قبرون ڏٺيون، جن مان مکيه هي آهن:

(1) بيبي بزرگوار حمراء بنت امير وقاص ارغون وفات 969هه.

(2) غلام حسين بن پيرداد سوداگر وفات 16 - شعبان 1117هه.

(3) امير فقير محمد شرف وفات رجب 976هه.

(4) شيخ شاهه محمد ملازم نواب خانہ زاد خان ساڪن لاهور وفات 27 - شعبان شوال 1095هه.

عبدالله شاهه جي اُتر ۾ سيد طاهر بهشتي، تاريخ طاهريءَ جي مصنف جي تربت آهي. اتي هاڻي سائي نموني جي چڱي مسجد زير تعمير آهي. ان سائي مسجد جي عمارت جي اُتر اولهہ، اسان چند قبرون ڏٺيون، جن مان ڪي هي آهن:

(1) خواجہ نورالدين محمد بن خواجہ احمد وفات روز خميس 971هہ.

(2) هڪ تربت بي نام، پر سن وفات 994هہ.

(3) هڪ قبر، جنهن تي هڪ ڪتبو لکيل هو:

بهــــر تــــاريخ او دبيــــر خــــرد،
رفــــت از رســــان صفــــيءَ گفتــــار.

9006هہ

عبدالله شاهہ جي لڳ، هڪ سينگاريل ننڍي مسجد آهي، جنهن تي هڪ جهونو ڪتبو نظر آيو، جو هي آهي:

"سرفراز شد احمد از مصطفيٰ، بنا کرد مسجد بنام خدا،
بغير از عبادت نباشد درو، بود قبہ اش پرز نور و ضيا،
خدا يش شرف داد و عزو قبول، کہ تا هست دوران بماند بجا،
فيض مسجد کہ ازيک دعا، شود حاجت مستمندان روا"

سيد عبدالله شاهہ جيلاني سيد آهي ۽ جيئن تہ گجرات ۾ ڪجهہ وقت رهيو آهي، تيئن ڪيس گجراتي بہ سڏيندا آهن. چون ٿا تہ سندس قبر ڪجهہ وقت لاءِ گمنام رهي، مگر عبدالله شاهہ جي مجاور ڪان، جا اها روايت هن بابت معلوم ٿي، سا هيءَ آهي:

"جيلاني بادشاهہ جي تربت گمنام هئي. پوءِ مخدوم نوح (رح) جي قبر جا نشان لهي، اتي پٿر قائم ڪيا، ۽ ان صاحب جا ساٿي پيران پير طرفان يوسف ۽ بيا فقير داد، سيد پير عالي، پير پنو ۽ چٽن بري هئا."

ان روايت جي ، "سنڌ جا قديم شهر ۽ ماڻهو" (مرزا قليچ بيگ) جي ڪتاب ۾ مخالفت ڪيل آهي. مرزا قليچ بيگ وري بيا

ولي ٻڌايا آهن. هن وليءَ جي منّيءَ لاءِ، هي مثال مشهور آهي تہ "پرجيئي نٿي." عبدالله شاهہ جي صحن ۾ ٻہ ڪي قبرون آهن. جن مان چند هي آهن:

(1) فقير حقير عثمان ولد يوسف وفات صفر 1098هہ.

(2) علي محمد وفات 1090هہ.

(3) مرحوم عيسيٰ جمع 15 - محرم 956هہ.

(4) حاجي رمضان 28 شوال 1111هہ.

موجوده مزار بلڪل نئين آهي، ۽ ان جي مٿان 1350هہ/1931ع چاڙهايل آهي.

(6)

# شيخ جيئي جو مشرقي حصو ترخاني تاجدارن جو مقام

اي خــاک اگــر ســينۂ تــو بشـــگافند،
بــس گوهـر قيمتــي کـہ در ســينۂ تســت.

(کتبہ تربت مرزا عيسيٰ خان)

اوهان صاحبن عبدالله شاهہ جي مقبري تائين احوال پڙهيو. هن مضمون ۾ هن جي مشرقي حصي جو بيان پيش ڪيو وڃي ٿو.

عبدالله شاهہ کان پوءِ اوڀر طرف ڏاکڻ جي رستي ترخانن جي محلي ۾ وڃڻ ٿيو. هي سڄو ٽڪر هيٺين حصي ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(1) مقبرو "هنشام بائي" هي پٿر جي چوڪُنڊي آهي. ڏکڻ پاسي دروازو اٿس. دروازي خواهہ ديوار تي تمام سهڻا چٽ چٽيل آهن. مقبرو پراڻي ڊوري جي ڪناري تي اڏيل آهي. اندر پٿر جو پليٽ فارم آهي. اولهہ واري ديوار ۾ سُهڻن چٽن سان محراب آهي. اندر ٽي تربتون آهن. وچين تربت "هنشام بائي" جي چئي وڃي ٿي، ۽ هن تي سن وفات 994هہ (1586) اُڪريل آهي.

2. اولهہ واري ننڍي هئي، جنهن تي لفظ چٽا نہ هئا، تہ بہ جو معلوم ڪيو ويو، سو هي هو تہ "وفات يافت مرزا فتح بن شاهہ."

3. اوڀر واري وڏي تربت فتح راڻي (سن وفات 1000هہ) جي هئي.

(2) مقبرو مرزا محمد باقي ترخان 1184هہ. مذڪور مقبري جي اُتر ۾، ٿوري مفاصلي تي هڪ وڏو سنگين صحن آهي، جنهن ۾

چار حصا آهن. اندر دروازي کان گهڙياسين تہ اسان کي ساڄي پاسي هڪ زنانو مقام نظر آيو، جنهن ۾ پنج قبرون هيون. جن مان ٻيونمبر قبر سنڌي جي سرت واري سورمي ماه بيگم جي هئي، جنهن تي سن 1014هہ اُڪريل هو. بيبي ماه بيگم شاهہ ارغون جي پاءُ مرزا محمد مقيم جي ڌيءَ هئي. مرزا محمد بابر مغل، قنڌار هٿ ڪرڻ وقت بيگم کي وٺي، وڃي ڪابل ۾ قيد ڪيو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ پنهنجي امير محمد قاسم ڪوڪه سان شادي ڪرائي ڇڏيائينس، جنهن مان کيس ناهيد بيگم پيدا ٿي. ڪنهن بہ طرح هوءَ وري پنهنجي چاچي وٽ پهچي وئي ۽ جڏهن سنڌس اڳيون مڙس محمد قاسم ازبڪن جي جنگ ۾ قتل ٿي ويو، تڏهن ماه بيگم جو نڪاح مرزا شاهہ بيگ جي فرزند مرزا شاهہ حسن سان ٿيو. مرزا شاهہ حسن جي انتقال کان پوءِ وري مرزا عيسيٰ ترخان اول. هن کي عقد نڪاح ۾ آندو ۽ هي مرزا محمدٌ باقي بن مرزا محمد عيسيٰ جي ظلمن جو شڪار ٿي، قيد ۾ فوت ٿي وئي. تاريخ جي ڪتابن ۾ اهو سن 978هہ/1570ع ڄاڻايل آهي، مگر خبر نہ آهي تہ سندس تربت تي 1014هہ الائي ڪيئن اُڪريل آهي، جو وقت، مرزا خان خانان جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ جو آهي. پرسان دروازي مان ٻيو حصو شروع ٿئي ٿو. اندر کُليل ٿَلهو آهي. هن تي ست قبرون آهن ۽ چار گچ جون، جن جو ديرينہ اضافو ٿيل آهي، مگر هيءُ بہ زنانو مقام هو. گهڻن جا ڪتبا صاف ميٽيل هئا، مگر جن جا ظاهر هئا، سي هي آهن:

1. وفات ارغون بيگم بنت امير محمد علي ارغون سن 1009هہ.

2. بيگم گل سلطانہ سن 1006هہ..

ٽئين نمبر وچين حصي ۾، چوديواري اندر، پنج قبرون آهن، جي هيٺيئن طرح آهن:

1. صاحبزاده شاهه رخ بن محمد باقي ترخان تاريخ 992هه (پاڪستان گائيڊ ۾ 993 ڏيڪاريل آهي، جو درست نه آهي).

2. مرزا محمد باقي بن محمد عيسيٰ ترخان تايخ روز خميس 8 شوال 993هه (آڪٽوبر 1585ع).

3. ابوالفتح بن مرزا غازي بيگ ترخان (1000هه) مگر هي سن صاف نه هو.

4. وفات مرزا عبدالعلي 9 رجب 1040هه.

5. نمبر خالي آهي. چوٿين حصي ۾ ڏکڻ ۾ انن ٽنين واري قبي آهي، جنهن ۾ بديع الزمان بن شاهه رخ 999هه جي تربت آهي. اولهه طرف به اهڙي ساڳئي ڇتي آهي، مگر هن تي ڪوبه ڪتبو اُڪريل نه آهي.

محراب جي پير ۾ ٻاهر هڪ تربت هئي، مگر اها به خالي هئي. سامهون اُتر ڏي هڪ وڏو ٿلهو هو، جنهن تي چار سچيون تربتون ۽ اٽڪل اٺ ٻڳل ٿٽل هيون، مگر هي اڪثر بنا ڪتبي هيون. هن جي اُتر ۾ وري ٻيو ٿَلهو هو، جنهن تي ڇهه وڏيون پٿر جون قبرون هيون، جن مان مکيه قبر هي هئي:

1. منير بن مرزا مير بيگ ترخان تاريخ شهر ربيع الاول 1022هه.

اتر اولهه طرف ٻيو ٿلهو آهي، جنهن ۾ خوبصورت محراب آهي. هن ۾ نوَ قبرون آهن، جن مان مکيه قبر هيءَ آهي:

مرزا احمد شاهه بن انيس خان تاريخ 1008هه.

اوير طرف هڪ قبر، ڪپڙن جي پرسان آهي، جنهن تي هي

ڪتبو اُڪريل آهي:

"وفات يافت صالحہ مرحومہ بيبي گل اندام 1030هہ."

مقبرو مرزا عيسيٰ ترخان اول جي ڏکڻ اولهہ هڪ ٻيو ٿلهو نظر آيو، جنهن ۾ ڇهہ قبرون ظاهر هيون. چار تربتون هڪ قطار ۾ ۽ ٻہ هنن جي پٺيان. انهن مان مکيہ هي آهن:

1. فيض سلطان شهيد شهر رمضان 976هہ 2 تاريخ شهادت جوادالعلي مهر علي 976هہ.

مقبره مرزا عيسيٰ ترخان اول: آثار قديمہ جي کاتي وارن تہ هن مقبري جي ٻاهران سن وفات 1567ع هٽي ڇڏيو آهي.مگر مرزا عيسيٰ جي تاريخ وفات بحث هيٺ آهي جو هيٺين احوال مان ظاهر ٿيندو.

ترخاني مقام جي ڇيڙي تي، عيسيٰ خان ترخان اول ڏاڪٽي سنڌ جي ترخان گهراڻي جي پهرين تاجدار جو مقبرو آهي. هيءَ وڏي ٿلهي تي جڙيل آهي ۽ هن جي چوڌاري سنگين ديوارون آيل آهن. هن جي پرسان سڪل نديءَ جو پيٽ معلوم ڪجي ٿو، جا ڪنهن ڏينهن هنن پَٽن تان ڏاڍي آب وتاب سان وهندي هئي. هن جو مقبرو چوڏيواريءَ اندر آهي ۽ هن جون ڀتيون قرآن شريف جي آيتن ۽ فارسي بيتن سان چوڌاري سينگاريل آهن، جن جو مفصل ذڪر "لب تاريخ" جي مؤلف آندو آهي.

مان بہ "مشت از خروار" جي مصداق، بيتن جون چند سٽون خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو. مقبري جي اولهہ پاسي وارن اشعارن جو مطلع هي آهي:

"افسوس ڪہ دور ڪامراني بگذشت،
دوران نشاط و شادماني بگذشت."

ڏڪڻ پاسي واري شعر جو مطلع هي آهي:

"مير سيد بيداد هر لحظہ اجل از دست،
داد از دست اجل قسمر باد اجل از دست."

قبر جي چوڌاري جي بيت اُڪريل آهن، تن جو ٻيو نمبر بيت مذڪوره عنوان جي هيٺان لکيو ويو آهي تربت جي آڏو شيخ سعدي جو هيٺيون شعر اُڪريل آهي.

"غرض نقشيست ڪز ما ياد ماند
ڪ دنيا رانمي بينمر بقائي."

قبر جي پنيان جي اشعار لکيل آهن، انهن جو مطلع هي آهي:

"مشتاق آفتاب جمال محمديمر،
ما بنده محمد و آلِ محمديمر."

تربت جي اولهہ ۾ جي اشعار آبدار اُڪريل آهن، تن ۾ سن تاريخ وفات آيل آهي، جو هن طرح آهي:

"بسال نهہ صد و هفتاد ونهہ سن هجري
جهان گذاشتہ بگرفت ملڪ جاويدان."

هن مقبري جي اندر احاطي ۾ ڇهہ تربتون آهن. پهرين صف ۾ چار (ٽي وڏيون ۽ هڪ ننڍي) ۽ ٻہ پنيان (هڪ ننڍي ۽ هڪ وڏي) ڪبي پاسي کان جيئن ترتيب وار تربتون آهن سي هن طرح آهن:

1. هڪ ننڍي بنا ڪتبي، 2. مرزا محمد پاينده. بن محمد مرزا باقي. ماه صفر 1003هہ (پاڪستان گائيڊ ۾ 1004هہ / آڪٽوبر 1555ع لکيل آهي).

3. وفات حضرت جنت مڪاني حضرت مرزا محمد عيسيٰ عبدالعلي ترخان سن 973هہ (1565ع).

4. ميرزائـي زمانـہ ابراهيـم آن خليـل الله ازفتـون وجـود سـال هجرش چو آمده بشمار چهل و هفت از هزار افزون باد 1047هہ. ”بنده آل محمد“.

5. تاريخ بيست و دوم شعبان 1079هہ ميان غالب فوت شد (فيبروري 1669ع).

6. ميرزا ابو الفتح.

هاڻي جيڪڏهن ميرزا محمد عيسيٰ اول جي وفات جي تاريخ ڏي نظر ڪبي تہ اسان کي ڌار ڌار تاريخون معلوم ٿين ٿيون. ٻاهرين تختين مان اسان کي 1567ع معلوم ٿيو. اندر بيت جـي تاريخ وفات مان 979هہ معلوم ٿيو. بيگلارنامہ موجب هن جو سن وفات 991هہ آهي، ۽ سنڌ جي تاريخ محمد صديق ”مسافر“ جي تاليف مان 974هہ ۽ 1566ع معلوم ٿئي ٿو. جنهن صاحب مرحوم قليچ بيگ جي تاريخ سنڌ مان ورتو آهي مگر تاريخ سنڌ جلد 2 جي حاشيہ مان معلو ٿئي ٿـو. تـہ تحفـة الڪـرام واري مـرزا عيسـيٰ جـو سـن وفـات 980هہ (1572ع) ڄاڻـايو آهـي، جـو صحيـح آهـي، ڇـو تـہ شـاهہ حسـن ارغـون 962هہ (1554ع) ۾ فـوت ٿيـو ۽ مـرزا عيسـيٰ ارڙهـن سـال حڪومـت ڪري، پوءِ انتقال ڪيو.

”لـب تـاريخ“ واري بـہ تربـت واري لڪيـل سـن کـي ٻيـن سنن تـي وڏيڪ ترجيح ڏني آهي.

هن مقبري جي اُتر ۾. ڪجهہ مفاصلي تـي، قبـرن جـو مجموعـو تلهـي تـي متيرو نظـر ايندو، جـن اسـان جـو توجهـہ ڇڪـايو. اُتـي ڇهـہ تربتون معلوم ٿيون، ٽي وڏيون ۽ ٽـي ننڍيون، وچيـنءَ وڏي ڪتبـي ۽ پٿر واري تي هي ڪتبو لڳل هو.

1. "شاهزاده عالميان شهيد ميرزا محمد عيسيٰ ترخان تاريخ روز شنبہ و ماه شعبان سيوم 970هہ" (اپريل 1563ع). پاڪستان گائيڊ ۾ 2 شعبان ڄاڻايل آهي جو درست نہ آهي.

2. سچي پاسي واري تربت تي هي اُڪريل هو. "مير محمد زاهد ترخان بن مرزا محمد دائود بن مرزا عيسيٰ ترخان 8 رجب 966هہ (مارچ 1559ع).

هي مرزا صالح، سيد جلال بن سيد عالي جو سهرو هو ۽ مريد بلوچ هٿان شهيد ٿيو. ڄاڪاڻ جو ان بلوچ جو پيءُ، ميرزا محمد صالح جي هٿان مارايو ويو هو.

مرزا صالح جي اولهہ طرف هڪ عجيب و غريب تربت ڀڳل ٽٽل حالت ۾ نظر آئي، جنهن جي ڪتبي جو ڪجهہ حصو ڀڳل هو. ان مان گهڻيءَ ڪوشش بعد هيءُ معلوم ٿي سگهيو تہ: امير محمد فقيهہ ترخان فرزند شير مسڪين ترخان شهيد در تاريخ رجب 976هہ (1569ع).

ان جي اولهہ طرف هڪ زناني تربت هئي، جنهن تي هي ڪتبو اُڪريل هو. "نساء بيگم بنت مرحوم سلطان محمد ترخان محرم الحرام 984هہ."

اولهہ ۾ ٻيو تلهو معلوم ٿيو. جنهن تي هن ڪتبي سان تربت هئي: "مرزا محمد علي بن امير علي ترخان محرم الحرام 984هہ" ترخاني تاجدارن جي تعجب خيز قوم جو احوال ختم ٿيو.

(7)

# عبدالله شاهہ کان نواب خليل تائين ۽ ان جي اُوپارين پسگردائي

عبدالله شاهہ جو ڪجهہ ذڪر پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو هو. هينئر وري بہ عبدالله شاهہ جو مڪمل احوال ۽ نواب خليل جي مقبري واري ايراضيءَ جو احوال پيش ڪجي ٿو.

عبدالله شاهہ گجراتي، جيلاني ۽ حسني آهي. اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هن کي گجراتي هن ڪري سڏجي ٿو، جو ڪجهہ وقت لاءِ، هيءُ بزرگ گجرات ۾ رهيو ۽ خلق الله کي فيض ڏنو هئائين. ان ڪري اڄ تائين گجرات طرف جا گهڻا معتقد ڪهي، اچي زيارت ڪندا آهن. هن صاحب جو احوال "تحفة الطاهرين" ۽ "تحفة الڪرام" ۾ هن طرح آيل آهي:

"هيءُ درويش ٺٽي جي ٻين مکيہ اوليائن سيد ڪمال ۽ سيد قاضي شڪر الله جي ساٿين مان هو. شاهہ بيگ ارغون جي زماني ۾ گجرات کان ٺٽي آيو ۽ مڪليءَ جي هڪ ڪُنڊ ۾ ٽڪي پيو. مجرد هو. ساري عمر خدا جي يادگيريءَ ۾ گذاريائين. دفن بہ اُتي ٿيل آهي، جتي سندس سڪونت گاهہ هئس. گهڻي عرصي ڪري، سندس قبر ڊهي وئي هئي. گهڻي مُدت بعد شاهہ حافظ الله گجراتي، شيخ يعقوب ۽ خليفي ابوالبرڪات مڪليءَ تي اها قبر ڳولي لڌي ۽ پوءِ ظاهر ڪيائون. ان وقت کان وني وڏي زيارت گاهہ ٿي پيئي آهي. قبر ظاهر ٿيڻ جي روايت مجاور ڪان هن طرح معلوم ٿي، تہ پهريائين

مقبري جا نشان معلوم نٿي ٿيا. پر پوءِ مخدوم نوح (رح) جن پٿر قائم ڪيا. حضرت پيران پير طرفان يوسف شاهه، سيد مراد، سيد عالي، پير پنو،چنن بري ۽ يوسف ٺوڙو ڳاڙهي ٻيلي جن موجود هئا.

اسان عبدالله شاهه جو سلام ڪري، شاهراهه وني، ٿورو اڳيرو وڌياسين ته اسان کي اولهه ڏکڻ جي ڪنڊ تي هڪ سنگين قبي وارو مقبرو نظر آيو، جو "ٻارهن دري" جي نالي سان مشهور آهي. آثار قديمه وارن طرفان سورهين صدي لکيل آهي ۽ ٻيو ڪجهه ٿيو خير. مگر مسٽر ڪوزنس پنهنجي مشهور ڪتاب "دي ائنٽيڪئيٽز آف سنڌ" (The Antiquities of Sindh) ۾ ڄاڻايو آهي ته هي وڏي مرزا جو مزار آهي، جو مرزا عيسيٰ خان هو. اهو غلط آهي. ڇو جو هن جو احوال اسان کي ترخاني مقام جي بيان مان معلوم ٿيو هو. ان حساب سان هي صاحب ڪو ٻيو عيسيٰ خان آهي. ان کان ٿورو اورتي، رستي جي رند تي، هڪ شڪسته حال مقبرو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جو صاحب پير آسات هو. تحفة الڪرام واري لکيو آهي ته هي صاحب سالڪ مجذوب هو ۽ مخدوم عربي دياٿي هالہ ڪندي واري جو ياءُ هو. سيد ميران محمد مهدي جونپوري وارو طريقو اختيار ڪيائين. سندس اولاد مان محمد حسين نالي هڪڙو فقير مشهور ٿي گذريو آهي. انهيءَ جا پٽ احمد ۽ محمد ٺٽي ۾ رهيا. احمد جهان آباد ۾، شاهه غلام محمد صوفيءَ جي خدمت ڪندو هو ۽ فقيرن جو لنگر هلائيندو هو. پير آسات جي ٻاهران اوير ۾ دروازي جي پرسان هڪ تربت پڳل ٺٽل معلوم ٿي، جنهن تي ناقص نالونظر آيو، جو هيءَ هو: "عصمت پناهہ دنيا ابر رحمت حق پيوست." بتاريخ 14 رجب 1079 هه. هن مقبري جي اولهه ۾ ڪي قبرون ڪتبن سان نظر آيون، جي سڀ

يارهين صديءَ جون هيون. هڪ تي دلچسپ ڪتبو اُڪريل هو. جو پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ، هيٺ ڏجي ٿو:

"فاتح بر روح اَنَ معصوم ڪز لطف الــ
يافت فر دوس برين ماوي بحسن خاتمـ،
سال تاريخ وفاتش از سر ايقان نوشت،
جاو دان بازيب جنت در جوار فاطمـ"

سن نڪري ٿو. جو آهي 1090هـ. پير آسات جي مقبري ڪان ٿورو اڳيرو ڏکڻ طرف وڌياسين تہ اسان کي واٽ تي هڪ پرديسيءَ جي تربت معلوم ٿي، جنهن تي هي اکر اُڪريل هئا.

"شيخ شاهہ محمد ملازم نواب خانہ زاد خان لاهور 27 شعبان 1095هـ." هيءُ نواب خانہ زاد خان دهليءَ پاران، ٺٽي جو 17 نمبر گورنر ٿي آيو ۽ 1090هـ کان وٺي، 1095هـ تائين گورنر هو.

ڏکڻ اوير طرف ٿورو مڙياسين تہ هڪ مقام ۾ ٻہ زنانيون تربتون بنا ڪتبي ڏٺيون ويون، جي هن طرح هيون.

1. وفات يافت مرحومہ و مغفوره مهرالنساءِ 965هـ.
2. وفات يافت مغفوره مستوره ساجده بيبي (نالو ظاهر نہ هو) ماهہ شعبان 965هـ.

هن بعد سامهون هڪ شاندار گنبذ نظر آيو، مگر هن جي ڪاشيءَ جي سرن جي بناوت اُجڙيل نظر آئي ويجهو وڃڻ سان، هن مقبري جي گذريل شوڪت جو اندازو لڳائي، دل مان آهہ نڪري ويئي. هن مقبري جي احاطي اندر اولهہ اتر واريءَ ڪنڌ ۾ ، هڪ ننڍي پر سهڻي چوڪندي نهيل نظر آئي. مقبري جي اوير ۾ آثار قديمہ وارن طرفان هڪ تختي لڳل آهي. جنهن تي "مقبري نواب خليل

خان" لکيل آهي. مگر اوهان صاحبن کي هي معلوم ڪري عجب لڳندو تہ اندر مقبري ۾ نواب خليل خان جي تربت نہ آهي. مگر ڪتابن جا ورق ورائيندي، هي معلوم ٿيو تہ هن مقبري جو ٺهرائيندڙ هڪ نواب خليل خان هو. مرزا قليچ بيگ قديم سنڌ 138 صفحي تي لکي ٿو تہ هن (نواب خليل خان) جي وصيت موجب، هن جو لاش قبي ڪان ٻاهر دفن ڪيو ويو. ڇو جو قبي ۾ ست وڏا بزرگ رکيل هئا."

مرزا صاحب بہ هن ڳالهہ جي تحقيق ڪانہ ڪئي آهي تہ نواب خليل خان ڪير هو؟ پاڪستان گائيڊ وارن ڄاڻايو آهي تہ اهڙي نواب جو نالو سنڌ جي تاريخي ڪتابن ۾ ڪٿي نٿو ملي.

اها حقيقت آهي، جيڪي بہ مغلن پاران سنڌ جا گورنر مقرر ٿيا آهن، انهن ۾ نواب خليل خان جو نالوڪونهي. اسان کي نمبر 6 گورنر بنام نواب امير خان ملي ٿو ۽ نمبر 31 نواب خواجہ محمد خليل خان ملي ٿو، جنهن جي مسند گورنريءَ تي ويهڻ جي تاريخ 1124هہ آهي، جو پوين صوبدارن مان ٿي گذريو آهي ۽ اهو ناهي، جنهن ڏانهن اهو مقبرو منسوب ٿيل آهي. از ان سواءِ مقبري ۾ اندر چار تربتون آهن، ۽ نہ ست، جيئن مرزا صاحب ڄاڻايوآهي. هن مقبري جي احاطي جي اولهہ ڏکڻ واري ڪنڊ تي برابر (ستن حافظن) جون قبرون آهن، "لب تاريخ" ۾ هن نواب بابت ڪوبہ احوال ڪونہ آيل آهي. ازانسواءِ نہ وري مقبري ٻاهران اسان کي ڪابہ اهڙي تربت ملي جنهن جو ذڪر مرزا مرحوم ڪيو آهي. احاطي جي اندر هڪ سهڻي چوڪنڊي ۾ امير سلطان محمد بن حاجيڪ جي تربت آهي. هن تربت جو احوال بہ "لب تاريخ" جي صاحب نہ ڏنو آهي. هن تربت تي سڄي عبارت عربيءَ ۾ آهي. اڱيان الله جو نالو ۽ هي اکر اُڪريل آهن.

”قال الله تعاليٰ ڪل شيءٍ هالڪ الا وجه لـه الحڪيم واليه ترجعون. ڪتبه الفقير عبدالرحيم صديقي.“ پنيان جا عربي عبارت آهي، تنهن جو ترجمو هيءُ آهي. ”امير مرحوم سلطان محمد بن حاجيڪ مغل، ڏينهن خميس، 963هه ۾ فوت ٿيو. مقبري جي ٻاهران چوڌاري ڪاشيءَ جي ڪم سان اڪر اُڪريل آهن، جن مان ڪيترا زماني جي بي ثباتي تي اوسر ڪري رهيا آهن. باقي جي بچيل هئا، سي پيش ڪجن ٿا.

”مقبره سلطان ابراهيم بن عيسيٰ ترخان اول وغيره.“ ڪاتب احمد انصاري. مقبري ۾ اندر چار تربتون آهن. آهن. اولهه جي طرف کان هيٺين ترتيب موجب آهن:

1. حضرت سلطان، حضرت ابراهيم مرزا عيسيٰ ترخان 16 ماه ربيع الاول 966هه.
2. تمام ميساريل مشڪل سان پڙهڻ ۾ آيو. ”سلطان محمد باقي بن محمد عيسيٰ.“
3. وفات مستوره و منظوره شهربانو 15 رمضان 952هه.
4. ننڍي قبر هئي، جنهن تي بهترين بيت اُڪريل آهن. هن جي اولهه طرف، هي بيت اُڪريل هو:

”نوبهار آمد و گلها همه رستند ز خاڪ
تو هم از خاڪ بر آئي گل خندان پدر.“

اوپر طرف: هزار حيف صد افسوس يا ذڪا محمد
ڪه مي برد خان خانان در جان جهان.

مذڪوره مقبري جي اوپر ڏکڻ جي ڪنڊ تي ٻاهرين احاطي

ڪان ٿيهارو ڪن قدمن تي هڪ تربت آهي، جنهن تي هڪ ڪتبو اُڪريل هو: ”وفات امير عنات بن عبدالعلي مغل. در تاريخ سنہ نہ صدبود.“

هاڻي اچون ٿا نواب خليل جي مقبري جي اوڀارين حصي تي. طالب المولىٰ جي تحقيق جو مرڪز، سروري خلفا دو فقرا جي جويندگي هئي. اسان کي معلوم ٿيو تہ مخدوم نوح (رح) جي ٽن وڏن خليفن جي آرامگاهہ، هن ٽڪر جي آس پاس آهي. اسان انهن کي لهڻ جي حتي المقدور ڪوشش ڪئي، مگر ڪاميابي نصيب نہ ٿي. تحفة الطاهرين ۾ فقير بهاولدين گودڙيي (دلقپوش) جي تربت جو ذڪر هن طرح ڏنل هو تہ پير آسات جي ڏکڻ ۾ ڏاکڻ ويندي آهي. ان لاءِ اسان ڪوشش ورتي. آخر قديم نقشي جي هدايتن موجب، اسان پير آسات جي ڏکڻ وارو پيچرو ڊنڊ جي طرف، لهوارو ويندڙ ورتوسون. هيٺ اسان کي خليفي محمد سعيد جي تربت جو نشان معلوم ٿيو. وري اتان ڏکڻ اولهہ جو طرف وٺي اڳتي هلياسين تہ ٿوهرن جي ميڙ ۾ اندر اسان کي هڪ پٿر جو آکرو پسڻ ۾ آيو. ڪتابن جي روشنيءَ ۾ جو احوال معلوم ٿيو، سو هي آهي: وچ ۾ ڊٺل قبر ميان منوءَ جي ۽ هن جي ساڄي پاسي بهاولدين گودڙيو ۽ کابي پاسي سلطان ڪمر، هن جي پنيان بہ ننڍڙيون قبرون ۽ بہ وڏيون قبرون آهن. هي هنڌ نواب خليل جي مقبري جي هيٺان اُڀرندي طرف آهي. پارسي خط موجب ”منو“ بدران ”مهتو“ لکيل آهي: سو مرزا قليچ بيگ بہ اهو ساڳيو اُچار برقرار رکيو آهي ۽ ميان مهتيو فقير لکيو اٿس، جو درست نہ آهي. هي صاحب مخدوم نوح (رح) جي مان

وارن مريدن مان هو ۽ ڪامل فقير هو. اڪثر فرخ مير جي جامع مسجد ۾ گذاريندو هو. سندس قبر آڪري ۾ آهي. زيارتي ماڻهو، سيد علي شيرازي جي زيارت ڪري، پوءِ متس ايندا آهن. فقير بهاولدين دلقپوش (گودڙيو) مخدوم صاحب جي خليفن مان هو، ۽ صاحب ڪرامت هو. مخدوم صاحب جي قرآن شريف جو تفسير، جو هاڻي بہ محفوظ رکيل، اهو "دلق پوش" جي محبت ۽ محنت جو مظاهرو آهي، اهي اکر جنسي دلقپوش صاحب جا آهن. سلطان ڪمر بہ مخدوم صاحب جي خليفن مان هو. انهيءَ تي بہ ماڻهو سيد علي شيرازيءَ جي زيارت بعد ايندا آهن. اهو بہ پنهنجي هم مشر بن سان گڏ دفن ٿيل آهي.

---

## (8)

# نواب خليل خان جي مقبري جا اولهندا ياڳا ۽ سندس ڏاڪٽيو حصو، نواب عيسيٰ خان تائين

گذريل مضمون ۾ پڙهندڙن، نواب خليل خان جي مقبري ۽ ان جي اوپرندي ۽ ڪجهه حصي ڏاڪٽين جو احوال پڙهيو هو. هتي ان جي بين ياڱن جو احوال پيش ڪجي ٿو.

خليل خان جي مقبري جي اُتر اولهه ۾ هڪ ٿَلهو آهي، جنهن ۾ امير قاسم طوغاني ۽ امير محمد بيگ ارغون جي خاندان جا بزرگ دفن ٿيل آهن. هن ٿَلهي تي ڇهه قبرون آهن، جي هن ريت ترتيب وار واقع آهن.

پهرين بنا نالي، مهينو ذوالقعد 972هه. 2. مهينو ذوالحج 927هه. 3. مير قاسم بن حضرت امير محمد طوغاني، آچر 12 رجب 965هه. 4. امير محمد شهاب ابن امير سيد قنبر بيگ. 5. امير فرخ ابن امير محمد بيگ ارغون (بي تاريخ). 6. ابوالفتح بن امير قاسم طوغاني 955هه.

هيءَ ڳالهه معلوم هجي ته امير قاسم طغائي شاهه حسين مرزا ارغون جو امير هو. جڏهن همايون بادشاهه 28 رمضان 947هه ۾ روهڙيءَ ۾ اچي منزل انداز ٿيو، تڏهن شاهه حسين جي طرفان امير قاسم طغائي ۽ شيخ ميرڪ پوراني، همايون بادشاهه ڏي خير سڪاليءَ جو پيغام کڻي ويا.

ڏکڻ طرف ٿورو اڳيرو وري بيو ٿَلهو آهي، جنهن ۾ به امير

قاسم "طغائي" جا مٽ مائٽ دفن ٿيل هئا.

هڪ ڳالهه ياد رهي ته قبر تي امير قاسم کي طوغاني لکيو ويو آهي. مگر تحفة الڪرام واري "طغائي" لکيو آهي. انهيءَ ٿلهي تي به قبرون آهن:

1. وفات يافت مرحومه و مغفوره سيده بيرم سلطانه بنت سعادت بناهي مرحومي مير قاسم "طغائي" 6 صفر 972هه.

2. امير الاعظم مير شافي ابن مرحوم ترسون محمد ارغون اربع ذوالقعده 968هه.

اولهه طرف هڪ مقبرو هو، جو شاهه قادريءَ جو مقبرو آهي ۽ سن 999هه لڳل اٿس.

نواب خليل خان جي اولهه طرف پيچرو وڃي ٿو. اهو ونئي اڳتي وڃبو ته هڪ وڏي قبر ڏسڻ ۾ ايندي، جنهن تي هڪ ڪتبو لڳل هو. ائين پئي خيال ۾ آيو ته هن کي چوڌاري وڏو ڪمپائونڊ هو. هاڻي فقط دروازي جا نشان آهن، مگر بيو مڙئي خير. وڏي قبر تي هڪ ڪتبو هو:

"وزير سنڌ بائيخان (پائي خان)."

"چو مشير بسوي فلڪ بقا زيب دارخاني"

بسي تاريخ خود گفتا خدايا- مقامر ده بهشت جاوداني 25 ربيع الاول 1012هه.

هن جي پرسان رانڪ ۾ ٽي قبرون آهن. وچ ۾ ننڍي ۽ پاسي کان وڏيون آهن. اولهه واري وڏيءَ تي هي ڪتبو اُڪريل آهي.

"والد برحق پائيخان است تاريخ روز عشورا 1002هه."

ٻي قبر ننڍڙي هئي، مگر ڪتبو سهڻو هو جو هن طرح هو:

"نور بصري امير خان- اسماعيلم قدم بفردوس نهاد."
تاريخ وفات اوچنين گفت- آن باغ محمد علي شاد.

1002ھ

ٽين قبر بي ڪتبي آهي. شايد ڪنهن مستوره جي آهي. پڙهندڙن کي معلوم هوندو تہ مرزا عبدالرحيم خان خانان سر زمين سنڌ تي فتح جو جهنڊو هڪ هزار هجريءَ ۾ کڙو ڪيو. اڪبر اعظم جي مرضي هئي تہ ترخانن جي پوئين تاجدار ميرزا جاني بيگ کي وري سنڌ جو نواب ڪري موڪلجي، مگر هن صاحب قبول نہ ڪيو ۽ معافي ورتائين. پنهنجي عيوض، اڪبر اعظم کي مشورو ڏنائين تہ سندس پٽ ميرزا غازي بيگ نالي تي ٺٽي جي گورنري جو فرمان ڪڍي. هن 1001ھ ۾ اهو فرمان موڪليو. ان وقت جيئن تہ غازي بيگ صغير سن هو، تيئن ان جي سنڀال لاءِ مرزا جاني بيگ جي اميرن کي، جي ساڻس گڏ اڪبري دربار ۾ موجود هئا، مرزا غازي بيگ جو صلاحڪار مقرر ڪيو:

1. شاهہ قاسم ارغون بيگلاره. 2. خسرو خان چرڪس. 3. ياٽي خان. 4. عرب ڪوڪہ. 5. جمال الدين ديوان.

مرزا قليچ بيگ تاريخ معصومي جي ذريعي "ياٽي خان عرب ڪوڪہ" ڄاڻايو يعني هڪ نالو ڄاڻايو ويو آهي ۽ صلاحڪار پنجن جي بدران چار ڄاڻايا آهن. مگر ماسٽر محمد صديق مسافر سنڌ جي تاريخ (ڀاڱو پنجون) "سنڌ ۾ مغلن جا نواب" ۾ عرب ڪوڪہ ۽ ياٽي خان کي ٻہ جدا شخصيتون ڪري پيش ڪيو آهي. اسان کي ياٽي خان جو نالو ارغونن (ترخانن) جي زماني ۾ ٻہ دفعا مليو ٿو. هڪ هاڻي معلوم ٿيو ٻيو خسرو خان چرڪس جو پٽ. اسان ياٽي خان

جي وفات 1012هه ۾ ڏني آهي. خسرو خان جو پٽ مرزا غازي بيگ سان 1015هه ۾ قنڌار گڏجي ويو هو. ان مان ظاهر آهي. تہ مذڪوره تربت وارو ٻائي خان، خسرو خان چرڪس جو پٽ نہ آهي، مگر اُهوئي آهي جو غازيءَ بيگ جو صلاحڪار مقرر ڪيو ويو هو. ٽنهنڪري هن کي "وزير سنڌ" لکيو ويو آهي. ٻائي خان جي اولهہ ڏکڻ هڪ تربت هئي، جنهن تي هي ڪتبو اُڪريل هو:

"تاريخ شهادت مرحومي و مغفوري مولانا صالح 1071هه".

ٻائي خان جي ڏکڻ ۾ هڪ پيچرو وجي ٿو. اهو وٺي اسان تمام هڪ وڏي قبر تي پهتاسين، جا مخدوم جمعي جي تربت هئي.

اوچائي ۽ چوڙائيءَ ۾ هن جهڙي تربت ساري مڪليءَ تي ٻي مشڪل تي نظر آئي. مگر بي ڪتبي هئي. مان اڳ ڄاڻائي آيو آهيان تہ سواءِ نقشبندي بزرگن جي ڪنهن بہ بزرگ جي تربت تي ڪتبو نہ آهي. ان ڪري انهن کي ڳولڻ ۾ ڪافي وقت صرف ٿئي ٿو. تحفة الڪرام ۾ آيل آهي تہ مخدوم جمعو بہ وڏي حال ۽ قال وارو فقير هو ۽ سيد علي شيرازي ثانيءَ جو همعصر هو. مخدوم جمعي جي تربت جي ڏکڻ ۾ هڪ ٿَلهو هو، جنهن تي 5 قبرون هيون. اوپر کان وٺي، قبرن جي ترتيب هن طرح آهي: پهرين تربت تي منظوم ڪتبو هو، جو هيٺئن آهي:

"چون خواجہ فطرت ازين دارفنا + ملڪ بقا گرفتہ آرام،

رضوان تاريخ وفاتش گفتہ فطرت داده مرا عالي مقام."

1091هه

2. بتاريخ هفتم شهر محرم مرحوم غياث الدين عرف سعيد خان بگلگونہ شهادت رحلت بود 1126هه.

3. مرحوم مرزا محمد نعيم بجوار رحمت شد 28 صفر 1126هه.
4. ڊنل.
5. غلام حسن 3 ربيع الثاني 1172هه.

مخدوم جمعي جي اُتر اولهه جي ڪنڊ تي، هڪ قبرستان هو، جنهن ۾ هڪ قبر باڪتبي هئي، جنهن تي هي ڪتبو اُڪريل هو:

"بسوي باغ بهشت شد تازان،
اينست حاجي قانع مرازان."

1094هه

مخدوم جمعي جي صفا اولهه ۾ هڪ سؤ قدمن تي هڪ پٿر جي نهيل قبر، ڊنل صورت ۾ هئي. ڪنهن به تاريخ يا شخصيت جو پتو پئجي نه سگهيو. ڏکڻ اولهه جي طرف ٿورو اڳيرو هلياسين ته پريان مٿانهين عمارت ڏسڻ ۾ آئي، جيڪو "شاهه پرين" جو مقام سڏجي ٿو. ڏکڻ جي طرف ٿورو اڳيرو هلياسين ته اسان کي هڪ وڏو مقام نظر چڙهيو، جيڪو امير خاني مقام سڏجي ٿو. امير خاني سادات نواب امير خان عرف ابوالبقا ولد نواب قاسم خان نمڪين بن ملا مير سبز واري جي اولاد مان آهن. اهو نواب مغلن پاران ٺٽي جو انون نمبر گورنر هو. انهن ڏينهن ۾ دهليءَ جي تخت تي شاهجهان بادشاهه جو دور دوره هو. هي صاحب 1054هه مطابق 1614ع ۾ گورنر مقرر ٿيو. هن جي ڏينهن ۾ جي تعميرات جا ڪارناما ٿيا آهن.

جامع مسجد ٺٽو، مسجد شريف محلا پائي خان ٺٽو ۽ امير خان جو مقبرو مڪليءَ تي، جيڪي به سنڌ ۾ امير خاني سادات آهن، سي هن صاحب جي اولاد مان آهن. هو فرقي جا شيعا هئا، جيئن سندن مقام جي ڪتبن مان ظاهر آهي. مسجد نما جڳهه اندر وڏو مقام

آهي. ان جي اوپر ۾ هڪ ٿلهو نظر آيو. جنهن تي ٽي قبرون هيون، جن تي ڪتبا هن طرح اُڪريل هئا:

پهرين قبر:

خان با نمڪين امين الدين امير
حالي از حسن عمل درجات او
چون سفر ڪرد از جهان بي ثبات
سالِ فوتش داخل الجنات او

1137هه

ٻي قبر:

چو حسب آل موليٰ جان خان بود
روانش برد حورالعين بجنت
بدل سال وصالش گفت رضوان
بگو منزل متين الدين بجنت

1137هه

ٽي قبر: ڪتبو هن تي چٽو نه هو. جو معلوم ڪيو ويو، سو درج ڪجي ٿو.

"ميرِ محمد غوث" از دنيا بدر رفت
جنة الماويٰ گشتر جاي او
هاتفم گفتا ڪه سال رحلتش.

مير ابوالمڪارم جو پٽ مير امير الدين 26 نمبر مغلن پاران ٺٽي جو گورنر هو. انهيءَ جو پٽ مير متين الدين خان پيءُ جي حياتيءَ ۾ حاڪم ٿيو. انهيءَ جي پٽن مان مير محمد غوث نواب خدا يار خان عباسي يعني نور محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ بخشي هو. متين ٿلهي

جي هينان ٻئي ٿلهي تي اُتر اولهه جي ڪنڊ تي هڪ قبر هئي، جنهن تي ٻارهن امامن جا اسماءِ گرامي هئا. وفات جو سال ڇٽو نہ هو. هن سان گڏ هڪ ٻي قبر معصوم ٻار جي هئي، جنهن تي 1178هہ لڳل هو. هن جي پٺيان هڪ ننڍي قبر هئي، جنهن تي هي ڪتبو اُڪريل هو:

دريغـــا! از گـــل کـــ نومـــي شـــگفت
زمانـــــ ز بـــــادِ مخـــــالف نهفـــت
خـــرد ســـال معصـــوم حـــافظ عـــالي
عطـــاني علـــي حـــافظ وي بگفـــت

1306هہ

اُتر اوڀر جي ڪنڊ تي هڪ رانڪ نظر آئي، جا نظام الدين جي رانڪ سان مشهور آهي. هيءَ رانڪ درديلي بيتن سان سينگاريل آهي. ان جو هڪ بيت مڪلي ٽڪريءَ جي پهرئين مضمون ۾ ڇاٽايو ويو هو. هن مان ڪي بيت نموني خاطر ڏجن ٿا:

قبر جي اڳيان جا لفظ ميساريل هئا، انهن مان اسان هيٺيان ڪوشش ڪري زير مطالعہ آندا:

”مرحومي نظام در سال چهل نـہ وداع کـرد.“

اولهہ ۾ اوڀر کان:

زيـــر ايـــن زهـــره و مـــاه اســـت
يوســـف در نشـــيب ايـــن چـــاه اســـت.

اُتر وارن ٻن دروازن تي:

اي چـرخ کـز تويـک دل غمـدده شـاد کـو
آن نـو رسـيده غنچہ نيـک و نهـاد تـو.

اولهـــــــــ وارن دروازن تـــــــــي:

فريـــاد ڪـــ مونـــس دلم رفـــت بخـــاڪ
فرزنـــد عزيـــز قـــابح رفـــت بخـــاڪ.

ڏکڻ وارن دروازن تي:

تـــاريخ ســـال روضـــ رضـــوان مثـــال او
جستـم زيهـر گفت "بـود گوشـۀ بهشـت."

امير خاني مسجد جي اُتر ۾ ديوار جي ٻاهر ٿلهي تي چار قبرون خواهه اولهه طرف پڪي ٿلهي تي ٻه تربتون هيون. امير خاني مسجد جي اولهه طرف رستي جي ٻئي طرف، جي تربتون هيون، تن مان مکيـه هي آهن:

1. وفات يافت ماه بيگم بنت مرحوم امير شمس الدين محمد بتاريخ 984هه.
2. داروغـه اعي خان ربيع الثاني 1024هه.
3. اسد بيگ بن حيدر و فخر- ايران. (بنا تاريخ.)
4. هتي جي ڏکڻ ۾ هڪ حڪيم، نالي محمد تقي جي تربت هئي، جنهن تي بهترين ڊگهو ڪتبو هو. نموني خاطر ان مان پهرين ۽ پوئين سٽ پيش ڪجي ٿي:

خلـــف دودهـــان فضـــل و هـــنر،
ڪـز جهـان همچـــو او نـــدارد يـــار
ســـال تـــاريخش از خـــرد جســـم،
گفتـم اي از تـو خـاطر مـن شـاد
جـــز بگويـــم ديـــن فقيـــر بخيـــر،
همنشـــين حســـين بجنـــت بـــاد.

1040هه

# نواب عيسيٰ خان جو مقبرو، ان جو اوپر، اولهه، ذڪڻ رستي تائين

ڳنڍيل مضمون ۾ مقبري ديوان شرفا خان جو احوال رهجي ويو هو، جو نواب عيسيٰ خان بئي جي پير ۾ اُتر اولهه واقع آهي. ضروري آهي تہ مختصر طرح هن جو احوال اڄوڪي مضمون ۾ پيش ڪجي نہ تہ هن جي مقبري جي احوال کان سواءِ مڪليءَ جي احوال ۾ وڏو خال رهجي ويندو.

ديوان شرفا خان، نواب امير خان جو 1644ع تائين وزير مال تي رهيو. هي صاحب "ميرزا اليڪہ ارغون" جو پوٽو هو. هي قبو شرفا خان جي حياتيءَ ۾ 1638ع ۾ جڙيو هو. هن جي ساخت امير خليل خان جي مقبري جهڙي آهي. هن تي ڪاشيءَ جو ڪم تعريف جوڳو آهي، ۽ ڪاري ۽ آسماني سرن جي جڙت ٺيل آهي. مسٽر ڪوزنس پنهنجي مشهور تصنيف "دي ائنٽيڪئيٽز آف سنڌ" ۾ ڄاڻايو آهي تہ هي مقبرو مڪليءَ جي سيني مقبرن کان وڌيڪ بهترين حفاظت ۾ رکيل آهي، هن جي گنبذ جي دروازي تي هڪ پٿر جي ڪتبي تي هڪ نظم لکيل اَهي، جنهن جا ڪل 6 بيت آهن يعني 12 مصراعون. پر هڪ اخبار ۾ فقط 2 ستون ڏنل آهن، سي بہ هيٺ مٿي. ان ڪان سواءِ اڏاوت جو سال 1089هہ ڏنل آهي، جو غلط آهي. مگر تاريخ وفات 1049هہ آهي، جا هيٺين طرح ظاهر ٿيندي. مان هن نظم جا فقط بہ بيت پهريون ۽ پويون پڙهندڙن لاءِ پيش ڪريان ٿو:

چون بنا شد چار طاق روضہ رضوان پناه

قدسيان گفتند يا رب مرقدش پرنور باد

بهر تاريخ بناي روضۂ ديوان سند

گفتۂ شد جاويد يا رب مقبره پر نور باد.

1049ھ.

اندر گنبذ ۾ ٽي تربتون آهن. اولهہ واري نواب شرفا خان جي آهي، جنهن تي بهترين چٽسالي ٿيل آهي ۽ هي ڪتبو لڳل آهي:

آنکس کہ وزارت يافت صد زيب از راي او

چون قصد سفر کرد در زين خانۂ پر محنت

از غيب بگوش آمد زانيکہ خوش الحان

تاريخ وفات او جاءِ شرفا جنت.

1049ھ

نمبر ٻئي اوير واري تربت تي 1052ھ ۽ ٽيءَ تي منظوم تاريخ 1072ھ لڳل آهي. اوير طرف هڪ ڪالم (Column) ۾ چار تربتون، جي بي تاريخ آهن. اولهہ طرف احاطي اندر سهڻو چٽيل محراب آهي، جنهن تي هيٺيون ڪتبو اُڪريل آهي:

"بيت تاريخ اين بناي شريف

يا صفا مثل مسجد اقصيٰ."

1049ھ.

هاٿي اچون تا مڪليءَ جي نڪ، مرزا عيسيٰ خان ترخان ٻئي جي رانڪ تي، جا سيني مڪليءَ جي مڪانن جي مهندار آهي. هن لاءِ مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ جي "مقالات الشعراء" ۾ هڪ شاعر متخلص بہ "ظاهر" هڪ عجيب قصيدو لکيو آهي. "لب تاريخ جي"

صاحب خانبهادر خدا داد خان سڪر واري. هن جي ساراهه ۾ جو ڪجهه چيو آهي، تنهن جو ترجمو عرض رکان ٿو:

"18 سالن جي عرصي ۾ رانڪ يا روضو، جو مڪلي ٽڪريءَ تي آهي پاڻ (مرزا عيسيٰ خان) ٺهرايو هو. زيبائي، پائيداريءَ ۽ پهنائيءَ ۾ هن جهڙو مثال اڳ اسان کي نٿو ملي."

"مسٽر ڪوزنس" به هن کي سڀني مزارن کان وڏي ۾ وڏي ۽ اهم ترين عمارت شمار ڪئي آهي. مرزا عيسيٰ خان دوم مرزا جان بابا جو پٽ ۽ مرزا عيسيٰ ترخان اول جو پوٽو هو. هن 1037هه کان وٺي 1054هه مطابق 1627ع کان 1644ع تائين جهانگير ۽ شاهجهان جي زماني ۾ ڪرنال ۽ ٺٽي جي گورنري ڪئي. هي صاحب مرزا غازي بيگ جو سؤٽ هو. ۽ هن 1054هه مطابق 1644ع ۾ وفات ڪئي. اندر مقبري ۾ 9 تربتون آهن، جي هيٺين طرح واقع آهن:

اولهه جي طرف کان چوٿون نمبر وچين تربت نواب عيسيٰ خان جي آهي، جنهن جي پيرانديءَ ۾ ڪتبو آهي. مگر زماني جي گذرڻ ڪري گهڻو ميسارجي ويو آهي. اسان کي جو گهڻي ڪاوش ۽ ڪوشش کان پوءِ پڙهڻ ۾ آيو سو هي آهي:

"چو رحلت کرد از دارالفنا آن سرور ترخان
به بستان جنان آسوده شد در منزل اعلیٰ
چو پرسیدم بسال رحلت او گفت از فردا
مبوده مرزا عیسیٰ بکام امر او ماویٰ."

1062هه

ٻي تربت اوير واري يعني نمبر 5 تي هي ڪتبو لکيل هو: "تاريخ وفات مرزا عنايت الله 1058هه." ٽيئن تي "بتاريخ 20 شوال

1091هه واليون مرزا ..." نمبر چوٿين خالي. پنجين "مرزا فتحي" جي هئي، جنهن تي منظوم ڪتبو درج ٿيل هو. جنهن مان تاريخ 1093هه معلوم ٿي. ڇهين اولهه طرف نمبر 3 خالي. ستين تي تاريخ هئي هيءَ: "تاريخ وفات مرحومي و مغفوري بهره ور" 1077هه. نمبر انين ۽ نائين بي ڪتبي هيون. مقبري جي ٻن ڪنڊن تي به چوڪنڊيون هيون. جي مستو رات بلي هيون. هڪ اتر اوڀر ۽ ٻي ڏکڻ اولهه. اتر اوڀر ۾ هاٿي وجي هڪ تربت رهي آهي جنهن جي مشڪل سان تاريخ وفات سال 1087هه پڙهڻ ۾ آيو. اولهه ڏکڻ واري چوڪنڊي ته ڪا مضبوط نهيل هئي، مگر هاٿي ته زبون حال ۾ آهي. هن ۾ به هڪ تربت چڱي چوکي نظر آئي، جنهن تي هي الفاظ اُڪريل هئا:

"بتاريخ بيست وسويم شهر رمضان 1081هه وفات اين عصمت پناه مغفور."

مگر پاڪستان گائيڊ ۾ چاڻايو ويو آهي ته هن چوڪنڊي ۾ ٽي تربتون آهن. باقي ٻن تي جي تاريخون اُڪريل آهن، سي هي آهن. هڪ تي 6 ذي الحج 1082هه ۽ ٻيءَ تي 15 رجب 1080هه. "مرزا عيسيٰ خان" جي سامهون اوڀر طرف "مرزا جان بابا" جو مقبرو آهي ۽ ان تي آثار قديمه وارن پاران 1556ع لکيل آهي. "مرزا جان بابا"، مرزا عيسيٰ خان دوم جو والد مرزا عيسيٰ خان اول جو فرزند هو يعني مرزا محمد باقيءَ جو ننڍو ڀاءُ. هن جي عجيب شخصيت جو احوال "بيگلارنامه" فارسي، "تحفتہ الطاهرين" فارسي، سنڌ جي تاريخ ارغون ۽ ترخان از محمد صديق "مسافر" ۽ مرزا قليچ بيگ جي تاريخ جلد دوم مان بخوبي معلوم ٿي سگهندو.

مرزا عيسيٰ ترخان اول جو آخرين وقت خيال هو ته مرزا "جان بابا"

جاءِ نشين مقرر ڪجي. مگر سندس زال ”ماه بيگم“ جو خيال هو تہ مرزا محمد باقي راڄڌڻي ٿئي، مگر مرزا عيسيٰ خان پنهنجي ”ماه بيگم“ کي ورندي ڏني تہ مرزا باقي ظالم آهي. پنهنجن عزيزن کي بہ ڏکيو رکندو ۽ توکي بہ تڪليف رسائيندو. تيو بہ ائين جو ”جان بابا“ کي قتل ڪرايائين ۽ ”ماه بيگم“ کي بکون ڏئي جيل ۾ مارايائين. هڪ عجب جي ڳالهہ هي آهي تہ مڪليءَ جي قديم نقشي ۾ خواه انگريز سياحن، هن مقبري کي نالي مرزا عيسيٰ ترخان دوم جي زنانہ عالم جو مقبرو ٻڌايو آهي، مگر ائين نہ آهي. ڇو تہ هن ۾ ”جان بابا“، مرزا مسڪين ترخان (جو شاهہ حسن مرزا جو سپهہ سالار ۽ مرزا محمد باقي جي ڏينهن تائين مکيہ مهندار رهي چڪو هو) وغيره جون تربتون آهن ۽ هن ۾ اُتر اوڀر طرف هڪ حرم سراءِ جي بيبين لاءِ، ڪُندڙيءَ ۾ چوڪندي آهي ”پاڪستان گائيڊ“ مطابق ڪل اٺ قبرون آهن. ڇهہ ٿَلهي تي ۽ ٻہ پاسن تي، مگر اسان جي تحقيق موجب ڏهہ تربتون آهن. ست مٿي ٿَلهي تي ۽ صحن جي اُتر پاسي ٻہ ۽ ڏاکڻي پاسي هڪ. مستورات واري گنبذ ۾ ٻہ تربتون آهن. قبر نمبر ٽي، جنهن تي 1017هہ اُڪريل آهي. اها ”جان بابا“ ڏي منسوب ڪن ٿا. ان جي پرسان نمبر چوٿين تي فقط سال 978هہ ۽ نمبر پنجين تي سال 964هہ ۽ نمبر ڇهين تي 988هہ ۽ نمبر ستين تي مير مخدوم مسڪين سال 970هہ لڳل آهي. بنده جي ناقص راءِ موجب نمبر ٽئين مرزا ”جان بابا“ جي تربت نہ آهي، پر نمبر چوٿين سندس ٿي سگهي ٿي، ڇو تہ سال 977هہ ۾ جڏهن مرزا محمد باقي پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ”ماه بيگم“، ”ناهيد بيگم“ ۽ مسڪين ترخان سان گڏ اڪبر بادشاهہ ڏي روانو ڪيو تہ لکيءَ جي جبلن وٽ ”جان بابا“ هن جو مقابلو ڪيو. ان واقعي کان پوءِ

مرزا محمد باقي هن کي مارائي ڇڏيو. جو لاشبه 978هه جو سال هو.

نمبر ستين وارو اهو ساڳيو صاحب مرزا محمد مسڪين آهي. مگر سال وفات 970هه نه هوندي، مگر 977هه يا ان بعد هوندي. صحن ۾ ڏاکڻي ڇتيءَ ۾ هڪ تربت آهي، جنهن تي سن وفات 1005هه لکيل آهي. هن سهڻيءَ عمارت کي ٽي قبا هئا ۽ هاڻي فقط هڪ آهي. ڏاکڻي طرف هڪ ڏيڍي بارهن پيل پاوَنَ تي بيٺل آهي، مگر پريان جاني بيگ جي ڍنڍ جو واهه جو دلپذير منظر آهي. محض ڏسڻ سان تعلق رکي ٿو. مرزا عيسيٰ ترخان جي فلڪ رسا رانڪ جي ڏکڻ ۾ مرزا باقي بيگ جو مقبرو آهي. چوڪندو آهي. وچ ۾ تلهو اٿس. زبون حالت ۾ آهي. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته ٽيون قبو ڊهي ويو آهي. ٽي تربتون آهن. وچ ۾ مرزا باقي بيگ جي قبر. اولهه ۾ سندس پٽ جي قبر ۽ اوپر ۾ هڪ ننڍي تربت. اولهه طرف هڪ محراب ٺهيل آهي. مرزا باقي بيگ جي تربت جي پنيان هڪ قطع اُڪريل آهي:

"زغيب آمدندا تاريخ او گفت
ڪه گوئي مسرور و سردار باقي."

اولهه واري قبر تي هيٺيون ڪتبو پيرانديءَ ۾ اُڪريل آهي، جو هڪ پروانه محبت جو موهڻو مخال آهي:

بجستم از خرد تاريخ او گفت
مپرس از من بپرس از داغ دلها."

متين مقبري کي مؤرخن مرزا محمد باقي بن مرزا عيسيٰ ترخان اول جو مقبرو ڪري لکيو آهي ۽ "لب تاريخ" جي مصنف مرزا محمد باقي جي تاريخ وفات جا اصلي آهي، اها پنهنجي ڪتاب ۾ چاڙهائي اٿس. يعني 8 شوال 993هه مگر اسان کي ٻاهرين دروازي تي

شڪستہ حال الفاظ، جي باقي آهن، سي هي معلوم ٿيا. حالانڪ ڪيترا الفاظ ميسارجي ويا آهن:

”مقبره مرحومي و مغفور ميرزا باقي بيگ وزير (جاني بيگ) تاريخ ذي الحج 1050ھ. هن مان ظاهر آهي تہ هي صاحب مرزا محمد باقي نہ آهي، پر مرزا محمد باقي جي ڏهٽي جاني بيگ سان تعلق رکندڙ ڪا ٻي شخصيت آهي. پيو هي بہ خيال رکڻ گهرجي تہ هن جو نالو مرزا محمد باقي بيگ آهي نہ مرزا محمد باقي. ازانسواءِ مرزا محمد باقي بن مرزا عيسيٰ خان ترخان اول جي تربت جو ذڪر اسان اڳ ۾ ئي اوهان جي سامهون گذريل هڪ مضمون ۾ ڪري آيا آهيون.

هن مقبري جي ڏکڻ اولهہ پارهن ٿنين جي ڪليل رانڪ مرزا ظفر بيگ جي ڏسڻ ۾ اچي ٿي جا 16 چورس فوٽ ٿيندي. ”پاڪستاني گائيڊ“ موجب، سندس محراب تي هڪ فارسي ۾ وفات تاريخ چاٽايل آهي، جنهن ۾ 1090ھ مطابق 1679ع سال نڪري ٿو. اسان کي ڪوبہ اهڙو ڪتبو ڏسڻ ۾ نہ آيو. فقط آثار قديمہ وارن جي هڪ تختي لڳل آهي، جنهن تي 1099ھ (1686ع) لکيل آهي، ۽ نہ 1679ع، جو ڪتابچي ۾ آهي. هن صاحب جو وڌيڪ احوال نٿو ملي. فقط ائين معلوم ٿئي ٿو تہ اورنگزيب جي عهد ۾ نالي وارو سالار هو ۽ ڪلان ڪوٽ بہ ڪن ڏينهن ۾ هن جي نالي پٺيان ”ظفرل آباد“ سڏيو ويندو هو.

جڏهن اسان ڏکڻ طرف اڳتي هلياسين تہ اسان کي اٺ ڪُنڊو قبو ڪاشيءَ جي بهترين زيبائش سان ڏسڻ ۾ آيو. ڪاشيءَ جو ڪم گهري نيري ۽ سفيد ٽُڪرين جي جُڙت تي مشتمل آهي. هي قبو

مرزا جاني بيگ ۽ سندس لاڏلي مرزا غازي بيگ جي رانڪ سڏجي ٿو. مرزا جاني بيگ مرزا محمد باقي جو ڏوهٽو ۽ مرزا پاينده بيگ جو پٽ هو. ۽ اڪبر جي دلاور جنرل مرزا عبدالرحيم خان خانان جي ياري لشڪر سان 1591ع مطابق 1000هه ۾ مردانه وار مقابلو ڪيو ۽ آخر زور جي آڏو زاري مچيائين. غازي بيگ سندس پٽ هو. اڪبر جي ڏينهن ۾ افغانستان جو پهريون گورنر مقرر ٿيو. ۽ آخر قنڌار ۾ هڪ غلام زاده عبداللطيف هٿان شهيد ٿيو. جنهن جي سال وفات جي مصرع "لب تاريخ" واري هيءَ ڄاڻائي آهي. "از دست غلام گل برون رفعت دريخ" وفات 1021هه مطابق 1613ع. هي لا اولاد هو. هن جو لاش 1022هه ۾ ڪٺائي، اچي مڪليءَ تي مدفون ڪيائون.

اندر قبي ۾ 3 قبرون آهن. وچ ۾ وڏي قبر مرزا جاني بيگ جي آهي، ۽ اوير واري سندس نورچشم غازي بيگ جي، ۽ اولهه واري سندس ڪنهن ٻئي فرزند يا ڪنهن ويجهي عزيز جي آهي. اتر پاسي هڪ قبر احاطي اندر آهي، مگر بي نام آهي. از انسواءِ ٻيون ٻه ٿي قبرون آهن جي پونيرن جون معلوم ٿين ٿيون. اولهه پاسي محراب آهي، جنهن تي پٿر جي ٿُڪ جو ڪم بهترين ٿيل آهي.*ان تي ئي مرزا جاني بيگ جي تاريخ وفات قرآن شريف جي هن آيت بعد اُڪريل آهي. "فتادته الملائڪته وهم قائم يصلي في المحراب." ان بعد تاريخ مرزا جاني بيگ 27 رجب 1009هه. ان کان پوءِ عجيب و غريب ڪوهه پسي، ۽ سيد چٽن شاهه جي زيارت ڪري، رستي تي پهچبو.

---

(10)

# رستي جو ڏاڪٽيون پاسو

نئي ڪان ڪراچيءَ ويندڙ رستي تي ڊاڪ بنگلي کان اورتي، لوڪلبورڊ جي مسافر خاني وٽ اچي بيهبو ته پريان ڏکڻ طرف، هوا جي چرخيءَ وارو بنگلو ڏسڻ ۾ ايندو. جو مرحوم حاجي عبدالرحيم شاهه سجاوليءَ جو نهرايل آهي. هن ڏانهن وڃڻ لاءِ، وڏي رستي تان هڪ پيچرو نڪري ٿو. جيڪڏهن کوٻه پانڌيڙو، اهو پيچرو وٺي، شاهه صاحب واري بنگلي ڏانهن رخ رکندو ته هن کي ٻنهي طرفن اٿاهه مها ساگر وانگر "مقام"، زمين جي سطح تي ڇانيل نظر ايندو. جنهن ۾ سنڌ جا ڪيئي ڪونڌر آرامي آهن. هن اڀرندي پاسي جا موتي، پنهنجي غير فاني جوت سان، اسان کي پاڻ ڏي جاذب ڪن ٿا، سي هي آهن نقشبندي حضرات، جن مان مخدوم آدم ۽ مخدوم ابوالقاسم جون چوڪنديون مشهور آهن.

هت لازم آهي ته هنن بزرگن جي طريقي جوڪجهه بيان ڪجي، جنهن ڪري هو هن ناسوتي مڪان ۾ مشهور آهن. نقشبندي طريقي جو باني بهاءُ الدين محمد بن محمد البخاري (717هه-719هه) هو. پاڻ نقشبندي جي نالي سان اِنهيءَ ڪري مشهور هو، جو هو، الله جي لفظ جي صورت پنهنجي اڻ پڙهيل مريدن آڏو، اهڙيءَ طرح پيش ڪندو هو، جو هو هن کي بخوبي پروڙي سگهندا هئا ۽ محويت جي عالم ۾ سندن زبان تي هن پاڪ ۽ اعظم نالي جو وِرد هوندو هو. مريدن کي ارشاد ڪندو هو ته "هٿ سان الله جو نالو نقش ڪريو، اک سان ان نقش ڏي نه نهاريو، ۽ دل ۾ به الله پاڪ جو ڌيان ڌريو."

هندستان ۾ هن طريقي جي شروعات هندستان جي مجدد امام رباني شيخ احمد سرهندي (970هه-1034هه) جهانگير جي دور ۾ ڪئي. هن جا ٽي فرزند به وڏي پايي جا بزرگ ٿي گذريا آهن. پاڻ پنهنجي ٽين نمبر فرزند عروة الوثقيٰ محمد معصوم (1007هه-1089هه) کي پنهنجو روحاني خليفو مقرر ڪيائون. هن جو اثر، مخدوم آدم ٺٽوي تي پيو، جو پهريون ٺي شخص هو، جنهن سنڌ ۾ نقشبندي طريقي جو بنياد وڌو، پنهنجي مرشد عروة الوثقيٰ جي ارشاد مطابق، ٺٽي ۾ اچي منزل انداز ٿيو. وڏو ڪامل شخص ٿي گذريو. جيئن ته ان زماني ۾ هڪ ٻيو مخدوم بنام "آدم" بن مخدوم رحمته الله مشهور هو، تيئن هن صاحب پاڻ کي "آدو" سڏايو آهي. انهيءَ زماني جا بزرگ جهڙوڪ شيخ ابوالقاسم ۽ مخدوم ابراهيم نقشبندي لاهري بندري به سندس مريد ٿي گذريا آهن. سندس فرزند مخدوم محمد اشرف خواه مخدوم فيض الله به بلند منزل جا بزرگ ٿي گذريا آهن. شاهه لطيف جو فضل مريد ۽ مخدوم محمد زمان لنواريءَ واري جو استاد، مخدوم محمد صادق نقشبندي به مخدوم محمد اشرف جو ناني هو. شيخ فيض الله کان مخدوم محمد زمان لنواريءَ واري جي والد بزرگوار شيخ حاجي عبداللطيف نقشبندي طريقي لاءِ اجازت ورتي هئي. مخدوم محمد زمان صاحب وري مخدوم محمد اشرف جي فرزند شيخ محمد، جو ابو المسڪين جي ڪنيت سان مشهور هو، جي هٿ تي بيعت ڪئي. مخدوم محمد اشرف جي سجع هي هئي. "محمد اشرف اولاد آدم".

هن پس منظر ڏيڻ بعد اچون ٿا، مخدوم آدم جي چوڪنڊي جي احوال تي. سڄاٽپ لاءِ چوديواري ڪچي وئي آهي. اندر هڪ ٿُلهي تي پٿر جون ٽي قبرون نظر آيون. پهرين اورين تربت مخدوم آدم جي

هئي، جنهن تي "مقبره منور. حضرت مخدوم آدم" اُڪريل هو. هن جي اوپر وري سندس لاڏلي شيخ محمد اشرف جي تربت هئي، جنهن تي هي الفاظ هئا: "شيخ محمد اشرف ولد مرحوم مخدوم آدم 1223هه." تين اوپر طرف وري مخدوم محمد اشرف جي پاءُ جي تربت هئي، جنهن تي لکيل هو "شيخ فيض الله ولد مخدوم آدم". سال لڳل نه هو. انهيءَ چوڪنڊيءَ ۾ ڏکڻ اوپر طرف هڪ ڏاري قبر ڏني وئي، جنهن تي لکيل هو: "شهر وي بنت افغان بوستان 1152هه". هن جي پرسان هڪ قبر ڊنل معلوم ٿي. وري ڏکڻ طرف ان جي چوڪنڊي ڏسڻ ۾ آئي. جنهن ۾ مخدوم ابو القاسم نقشبندي ۽ هن جي فرزند جون تربتون آهن. وچ ۾ مخدوم ابو القاسم جي تربت آهي ۽ اوپر طرف سندس صاحبزاده مخدوم ابراهيم جي ۽ اولهه طرف سندس ٻئي پٽ فيض احمد ولد ابوالقاسم جي. مخدوم ابو القاسم نقشبندي درس قوم جو هو. سندس والد صاحب درس ابراهيم. شيخ بهاؤالدين ذڪريا ملتاني وارن جو مريد هو ۽ پوءِ اچي ٺٽي ۾ رهيو. ڏاڍي حال ۽ قال وارو هو. وقت جو ٻيو مشهور علامه مخدوم محمد معين عرف مخدوم ٺارو، جو شاهه ولي الله دهلوي جو سهيوڳي ۽ شاهه ڀٽائي جو صحبتي هو، سو مذڪوره مخدوم صاحب جو مريد هو. هن صاحب جي التفات جي نظر مخدوم ابو المسڪين تي هوندي هئي.

ان جي ڏکڻ اولهه مخدوم حمزه جي تربت آهي، جنهن کي "واعظ" ڪري سڏيندا آهن. بلند روحاني منزل تي پهتل هو. "تحفة الڪرام" واري ڄاڻايو آهي ته روز رات جي نماز وڃي ڪعبة الله شريف ۾ پڙهندو هو. وڏيڪ ڏکڻ ڏي هلبو ۽ پيچرو، جو عيد گاهه ڏي وڃي ٿو، اهو ٽپي ٻئي پاسي ٽپبو ته مخدوم هاشم ٺٽوي جي

نربت ڏسڻ ۾ ايندي، جا اصل تہ مقام ۾ رواجي طرح هئي مگر هاڻي سندس عقيدتمندن هن جي مٿان ڇاريءَ سان گڇ جي پڪي قبر نهرائي جڙي آهي. ازانسواءِ چوديواري ڏني، عاليشان سينگاريل دروازو ناهي جڙيو آهي. پرسان هڪ مسجد بہ نهيل آهي.

مخدوم حاجي محمد هاشم ٺٽوي سنڌي عبدالغفور بزرگ جو فرزند آهي، جو صاحب بنوري جو باشندو هو.

مخدوم صاحب 1104هہ مطابق 1613ع ۾ تولد ٿيو. شروعاتي تعليم جون منزلون پنهنجي والد صاحب وٽ طئہ ڪيائين. ان بعد ٺٽي جهڙي هڪ علم و فضل جي گهواري ۾ اچي لڏيو ۽ مخدوم سعيد صاحب، مخدوم ضياءُ الدين جهڙن پلارن جي استاديءَ جو شرف مليس. "تحفة الڪرام" جي روايت موجب پاڻ مخدوم معين ۽ ٻين ڪن ٺٽي جي عالمن سان علمي بحث ڪندو هو، جو اهي هن جي نظريي جي خلاف هئا. هي صاحب شريعت تي بلڪل مستقل هو ۽ اسلام جي ديني ڪمن ۾ تمام گهڻي مدد ڪندو هو ۽ دين جي برخلاف ڳالهائيندڙ سان خوب ڇوٽون ڪائيندو هو. سندس ڏينهن ۾ سوين ماڻهو اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا.

نادر شاهہ، احمد شاهہ ۽ ٻين بادشاهن سان سندس خط و ڪتابت جو رستو جاري هوندو هو ۽ جيڪي چوندو هو، سو هو ڪندا هئا. وقت جي حاڪم غلام شاهہ ڪلهوڙي بہ هن کي قاضي القضاة جي عالي منصب تي مامور ڪيو. سندس ڪتاب لڳ ڀڳ 150 جي انداز تائين آهن، جن مان ڪي ٿورا ڇپيل آهن. باقي اسان جي بي قدري ۽ سرد مهريءَ تي نوحو ڪندا ۽ زماني جي بي درد هٿن سان مٿبا نابود ٿيندا ويا آهن. هن صاحب 1174هہ مطابق 1760ع ۾

وفات ڪئي. سندس هڪ پٽ مخدوم حاجي عبدالرحمان جهونا ڳڙهه ويو ۽ اتي ئي گذاري ويو ۽ ٻيو مخدوم عبداللطيف پيءُ جو جاءِ نشين ٿيو. جو پنهنجي والد وانگر وعظ ۽ نصيحت ۾ مصروف هوندو هو. مرحوم سيد عبدالرحيم شاهه جي بنگلي جي اولهه پاسي پريان هڪ مسجد شريف آهي، جتي ڪي قديم پٿر به آهن. جن کي حضرت عليءَ جا قدم چيا وڃن ٿا. اتي شيعا حضرات تازيه ناهي، اچي رکندا آهن. ان کي امام حسين جو جلوه گاه سڏين ٿا. انهن مان چند مکيه تربتن جا نشان، جي اسان کي مليا، انهن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

1 - مرحوم مير وراقامه ابن مشهدي بنام بنده علي ذي الحج 1027هه.

2 - محمد ڪريم ابن حاجي اصغر اصفهاني 1155هه.

3 - محمد اسماعيل بن حاجي محمد شريف اصفهاني تارخ 8 ربيع الاول (سال صاف نه هو). مسجد شريف تي سال 1140 لکيل هو.

بنگلي کان هڪ ٻيچرو اوڀر طرف وڃي ٿو، جو هڪ دلپذير ڍنڍ جي طرف وٺي وڃي ٿو. هن ڍنڍ کي "شلنگ ڍنڍ" ڪري سڏين ٿا. پريان "ڪنڌڙيءَ ۾ هڪ مندر ڏيکائي پيو ڏئي، جنهن کي "منچا ديويءَ" جو مندر ڪري سڏجي ٿو. انهيءَ مندر جو نظارو اهڙو پيو دل کي ڀاسي، جهڙو ڪنهن هردوار جي دُواريءَ جو عڪس آهي يا بنارس جي مندر جي مورتي آهي. واقعي نظارو قابل ديده آهي. هن بنگلي کان ٻيو ٻيچرو وري عيد گاهه، خليفي ڇتن ۽ سيد يوسف شاهه رضوي مهدي ۽ لوٹو فقير سلطان سامونديءَ جي آستانن ڏي وڃي ٿو. هاڻي اچون ٿا هر هڪ جي احوال تي. عيد گاهه شاهه جهان جي عهد زرين ۾ يوسف خان جي نوابيءَ جي زماني جي يادگار آهي. اها

مهدي بہ سڏيندا آهن. عباسي قاضين جي خاندان مان شادي ڪيائين. نياڻي ڄايس، جنهن سان پنهنجي ڀائٽي سيد اسحاق ولد مير ڪمال الدين کي بکر مان گهرائي، شادي ڪرايائينس، جو پوءِ ساڻس گڏ رهڻ لڳو. انهيءَ جو اولاد ٿيو. جنهن مان سيد محمد جعفر سجاده نشين ٿيو ۽ اهو صاحب سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو خليفو هو ۽ ان جي مريدن جي مهمانداري جو ڪم سندس ذمي هو.

لوٺو فقير جي مقام جي هيٺان وري هڪ من موهڻي ڏند نظر اچي ٿي، جنهن کي بکري ڏند ڪري ٿا سڏين. اهو هن ڪري جو بکر جا بانڪا سادات رضوي سندس پاسي ۾ آرامي آهن.

هت اسان جي مڪليءَ جو سير ختم ٿيو. اسان ساموئي جي ڳوٺ کان وٺي بکر تائين ساڍن تيرهن ميلن جو وڏو مفاصلو عجيب و غريب حالات سان پيريل محض ڏهن ڪاغذي قسطن ۾ اوهان تائين پهچايو. مان وري بہ پنهنجي پهرين مضمون جا لفظ دهرائيندي، مڪلي جي من موهيندڙ سلسلي کي هت ختم ڪريان ٿو:

”مڪلي جي ٽڪري، پب ۽ هاڙهي جبلن جي شاخ آهي ۽ ”رني ڪوٽ“ واري ٽڪرين جي قطار مان شمار ڪئي وڃي ٿي. اها پير پٺي کان ٽڪري، اُتر ڏي برابر پنج ڪوهہ وڃي، ٺٽي کي ويجهو اُلهندي طرف بيهي ٿي. ساموئي جو ڳوٺ پنهنجي شاندار ماضي تي اُتر واري ڇيڙي جي ٻنان حسرت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي. تہ ڏکڻ جي پاسي واري بکر جي ڏند، پنهنجي مرمرين موجن سان ناظرين جي دل لڀائي رهي آهي.“

معلومات مغربي طرف واري ديوار جي ڪتبي مان ظاهر آهي. ڪتبي جا لفظ هي آهن.

"خان مالڪ رقاب يوسف خان، ساخت، طاعت گهيزب ختبلند
قدسيان بهر سال اتمامش، ڪعبہ اصل فضل يافتہ اندر."

1043هه

نواب يوسف خان وڏو علم پرور ۽ علم دوست حاڪم هو.

مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي شرح "محزن الاسرار" سندس نالي منسوب ڪئي آهي ۽ سندس بي حد واکاڻ ڪئي آهي. ٻيو هڪ ڪتبو لڳل آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ ٽالپرن جي حڪومت جي ڏينهن ۾ الله بخش نالي عباسي، عيد گاهہ جي مرمت ڪرائي آهي. ڪتبي جا لفظ هي آهن:

"غفار 1281هہ."

"چون الله بخش شه آل عباس، زيب ترميم اين مصليٰ کرد
بي سرو جدوجهد خوان سالش، ڪعبہ اهل فضل زيبا کرد."

1281هہ.

خليفي چتن ۽ لوٽو فقير جو مستند احوال نہ ٿو ملي. انهن ٻنهي جو احوال اڃا تحقيق طلب آهي. باقي سيد يوسف شاهہ رضوي ساداتن مان هو. هن جو وڏو ڀاءُ سيد عبدالرزاق ولد سيد جادم پهريائين ٺٽي آيو. جنهن جي قبر شيخ حمادي جمالي جي مقبري جي پٺيان آهي. سيد محمد يوسف، سيد مبارڪ شاهہ ۽ شيخ دانيال جو مريد هو. هن صاحب پنهنجن مائٽن مٽن کي ڇڏي، اچي مڪليءَ تي پنهنجو مڪان ڪيو ۽ ميران سيد محمدي مهدي جونپوريءَ جي آستاني تي رهڻ لڳو. جنهن ڪري هاڻي ڪيس سيد يوسف شاهہ